
سونهن جي بارگاهه
[شاعري]
نماڻو صديق مهيسر

سونهن جي بارگاهہ

(شاعري)

نماڻو صديق مهيسر

جنسار پبليڪيشن ـ ميهڙ
2013ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سنڌي ادبي بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، پيڻائي ڪتاب گهر حيدرآباد، ڪائياوار بوڪ اسٽور_اردو بازار ڪراچي، عزيزڪتاب گهر سکر، سنڌ بڪ ڪلب. نواب شاهہ. قاسميا لائبرري ڪنڊيارو. رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. فاروق سومرو اخباراسٽال ميهڙ. رزاق بوڪ اسٽال ميهڙ، المهراڻ ادبي گهر ٽاڻو روڊ سانگهڙ، العزيز ڪتاب گهر_ٽربازار عمرڪوٽ، گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر حيدرآباد، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. ميمڻ بڪ اسٽور لاڙڪاڻو. محمد عثمان عباسي ڪنڊيارو. ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو، قليچ بڪ اسٽور لينگيج اٿارٽي حيدرآباد

سمورا حق پبلشر وٽ محفوظ آهن:

ڪتاب جو نالو	:	سونهن جي بارگاهہ
ليکڪ	:	نماڻو صديق مهيسر
ڇاپو	:	پهريون آڪٽوبر 2013ع
ڪمپوزنگ	:	نماڻو صديق مهيسر
ڊزائن/لي آئوٽ	:	مور ساگر
ڇپائيندڙ :		جنسار پبليڪشن –ميهڙ سنڌ
ڇپيندڙ		جنسار پبليڪيشن _ ميهڙ
ڪاپيون		500 ڪاپيون
قيمت	:	200

رابطي لاءِ: 03023277750 ,03003255769

SOONHN JI BARGHAH
(Poetry)
By: Nimano Siddique Mahssar
Compiled By: Nimano Siddique Mahessar
Chearman: Nimano Siddique Mahessar
Jnsar Publication – Mehar
Book No. (01)

ارپنا



مرحومه جيجل امڙ ۽
مرحوم ڀاءُ غلام شبير

سونهن جي بارگاهہ
ڪتاب
پنهنجي مرحومہ
جيجل امڙ جي نالي
۽ بابا سائين
جي نالي ڪريان ٿو
جن جي پيار جو
هڪ پل جو بہ قرض لاهي نٿو
سگهان ۽ پنهنجي
مرحوم ڀاءُ غلام شبير
جيڪو حادثاتي طور
ذهني توازن وڃائڻ سبب
پنهنجي زندگي ۾
خوبصورت رنگينن ۽
مزن ماڻڻ کان
محروم رهجي ويو
جنهن جو ارمان
پوري زندگي رهندو.

(نماڻو صديق مهيسر)

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”سونهن جي بارگاهہ“ اوهان اڳيان پيش آهي. شاعريءَ جي هن مجموعي جو تخليقڪار **نماڻو صديق مهيسر** آهي.

نماڻي صديق مهيسر جي شاعريءَ ۾ تمام گهٽي نمرتا تہ آهي پر سندس شاعريءَ ۾ ماڻهپي جون ڳالهيون بہ آهن. نماڻي جي شاعري جا موضوع خاص ڪري هن وانگي نماڻا آهن ۽ انهن موضوئن کي هن جن گهاڙيٽن ۾ آندو آهي، اهي بہ هن جي سياءُ وانگر سادا سودا آهن.

هي ڪتاب **جنسار پبليڪيشن ميهڙ** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نماڻي صديق مهيسر جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مهاڳ

پيار کي پاپ پائين متان

پـــيار کي پاپ پائين متان
پـيار کان تون لنوائين متان
****

پيـــــار انسان جو ماڻهپو
ماڻهپـــي کي وڃائين متان.
****

اها مطلع ۽ شعر نماڻو صديق مهيسر جي هڪ غزل مان آهن ۽ هن جي پوري شاعري انهن ٻن دائرن ۾ ڪيل آهي، يا هن جي شاعريءَ جا بنيادي موضوع اهي هي آهن. خاص ڪري غزل ۾ ان ڪري ٻہ غزل جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ايسيتائين جو روايتي غزل ٻہ پڙهڻ گهرجي.

هڪ شاعر پنهنجي شاعري کي وقت ڏئي ٿو هڪ پڙهندڙ، ٻڌندڙ ٻہ ان شاعري کي وقت ڏئي ٿو انهيءَ ڪري ٽڪندي شاعري پڙهندڙ ۽ ان تي لکندڙ مان کهڙي کند وڌيڪ اهم آهي شاعر، پڙهندڙ يا لکندڙ اهي ٽيئي ڪندون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهم آهن.

پر منهنجي خيال ۾ انهيءَ ٽڪندي اندر شاعري وڌيڪ اهم آهي ڏسڻو اهو پوندو تہ شاعري، پرهندڙ ۽ لکندڙ انهيءَ شاعري کي ڪيتري اهميت ڏني آهي اتي ئي ٻولي جي اهميت بابت سوال اڀري ٿو. جنهن ٻولي ۾ شاعري ڪئي وئي آهي .جنهن ٻولي جا پڙهندڙ اها پڙهن ٿا، جنهن ٻولي جا لکندڙ ان تي لکن ٿا، ۽ جنهن ٻولي جي بچاءُ ۽ واڌ

ويجهہ جي ذميواري تي ايس ايليٽ جي لفظن مہ ۽شاعر جي آهي.هڪ شاعر پنهنجي ان اهم ذميواريء کي ڪيتري قدر نڀايو آهي اهو سوال خود شاعر کي پنهنجو پاڻ کان پڇڻ گهرجي۽بلڪ پڇندو رهڻ گهرجي . ان ڏس ۾ اچار صورتختي ۽اعراب تي بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي بيهڪ جي نشانين تي بہ جڏهن اسين ٻولي جي اهميت جي ڳالهہ ٿا ڪريون۽ جنهن کان سواءِ شاعري ئي نٿي ٿي سگهي۽ تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ ٻولي جي لامحدود تخليقي قوتن کي تلاشڻ ۽ ڪتب آڻڻ. ان ڏس ۾ وسيع مطالعي جي ضرورت آهي۽ عام ماڻهن سان رابطي جي ضرورت آهي . ۽ انهن سيني ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ لاءِ انتهائي سنجيدگي جي ضرورت آهي.

ڪو غريبن کي لٽو ڏي پو ميان
۽ لٽي سان گڏ اجهو ڏي پو ميان

انهيء غزل جي ٻين شعرن ۾ ڳيپ۽ قرب۽ جي ڳالهہ ڪيل آهي. ان مان لڳي ٿو تہ "نماڻو" اڳهاڙ ۽ بک جي مسئلن کان آگاهہ آهي ؛

ڪڻ قلم تون لک "نماڻا" قوم تي۽
شعر تنهنجو پيو مزو ڏي پو ميان

پرگهڻي پاڳي خاص ڪري غزل ۾۽ هن جو موضوع پيار۽ محبت۽ عاشقي۽ رسڻ پرچڻ ئي آهي۽

اج چڏي تڪرار ڏي تون
اڻ ميو پيو پيار ڏي تون۽

۽ ان ۾ عاشقي ڪردار ڏي تون۽ ڪجهہ ڪرڻ ديدار ڏي تون۽ سات جو سهڪار ڏي تون... جهڙين مصرائن جو جڙاءُ آهي . هن جو رڳو ديدار ڪرڻ مان ئي ڪم نڪري ٿو وڃي. عاشقي ڪردار کانسواءِ زندگي بيڪار آهي. سهڪار ڏبو آهي يا ڪبو آهي؟

نماڻي جي شاعري جا موضوع خاص ڪري هن وانگي نماڻا آهن ۽ انهن موضوئن کي هن جن گهاڙيتن ۾ آندو آهي، اهي بہ هن جي سياءُ وانگر سادا سودا آهن.

ڏور ايڏو نہ وڃجي ڪڏهن
جيئن موٽي نہ سگهجي ڪڏهن

****

يا هي مطلع؛

ماڪ ٻاهر وسي ٿي پئي
ياد تنهنجي اچي ٿي پئي

اها ياد ماڪ وسڻ جي ڪري آهي، ماڪ نہ وسي ها تہ پوءِ چا ياد نہ اچي ها؟ ياد تہ ڪتي بہ ڪڏهن بہ اچي سگهي ٿي ! ان تي ڪنهن جو

ڪهڙو وس آهي. پر هتي ان پل جڏهن ٻاهر ماڪ وسي رهي آهي (جيڪو هڪ خاص مهل ڏانهن اشارو آهي) ۽ اندر ۾ ياد تنهنجي اچي رهي آهي، ، ان غزل ۾ هڪ شعر آهي؛

پيو وهي ٿو پگهر جسم مان،
جان پيي هي ڏڪي ٿي پئي

پگهر چو پيو وهي؟ جان چو پئي ڏڪي؟ ٿي سگهي ٿو تہ ان سان هيٺئين شعر جو ڪو تعلق هجي، جنهن ۾ "ٿڌ ۽ گرمي" جي گڏجڻ جي ڳالهہ آهي! ۽ جيڪا پڻ هڪ خاص حالت ڏانهن اشارو آهي ، سو نماڻو صديق مهيسر عشق ۾ تپ آهي ۽ هن جي ذات ۽ ڏات، سپ پرينء کي ارپڻ ڪيل آهي؛

****

ڏات جي جا روشني مون کي ملي
شاعري تو کي چڙي ارپي پرين

نماڻو صديق مهيسر جو پهريون مجموعو " تنهنجي سهڻي سار" هو ۽ هي " سونهن جي بارگاهہ" سندس ٻيو مجموعو آهي، جنهن ۾ غزل

(وڏيڪ) نظم، چوسٽا، بيت، ڏيڍوٺا، پنجڪڙا... آهن. ان ۾ نظم ڪل ٽيرنهن آهن جن ۾ هڪ نظم عيد جي عنوان سان بہ آهي:

عيد چاڪي ٿا چئو
عيد ٿيندي آ خوشي
عيد ڪنهن ناهي ڪئي
روز ماڻهون قتل ٿا
ڏس ڪراچي ۾ ٿين
روڄ رتورت سچا

"تنهنجي آ سڪ لڳي" "عيد" ۽ "هڪ ٻڍي آ پڇو" هن مجموعي جا اهم نظم آهن.

سنڌ تنهنجي مٿان
سنڌ منهنجي مٿان
ڪيس ڪيڏا ٿيا
ڳات ڪهڙو ڪٽون
موڙ ڳاڙها ٻڌل
گهوٽ آهي ڪٺل!

(تنهنجي آ سڪ لڳي)

امداد حسيني

ڪراچي سنڌ

2.10.2012

*

نماڻي جي شاعريءَ ۾ نمرتا

جڏهن بہ ميهڙ جو نالو سامهون ايندو آهي تڏهن بہ ميهڙ جي مشهور مٺي مائي سان گڏ ميهڙ جي مينديءَ جي هڳاءَ جهڙا خوشبودار ۽ مٺڙا ماڻهون بہ ذهن جي اسڪرين تي تري ايندا آهن 1970_80ع وارو ڏهاڪو ميهڙ، دادو، ٺرڙي محبت ۽ راڄڻ وارا مشاعرا ، محفلون ،ڪچهريون ۽ شاعرن اديبن سان ميل جول وارا ڏينهن ۽ راتيون ، زندگي جي خوبصورت يادگيرن جا لمحا ڪڏهن مرڪائن تا تہ ڪڏهن سڏڪائن تا . ڇا تہ زمانو هو؟

ميهڙ جا مٺا ماڻهون، رئيس خدابخش خادم ”عبدالله خان“ همدم ”چانديو اسحاق راهي صاحب، ناظم منگي، الهہ ورايو مسرور، لال دين بسمل، الله ڏينهن ڏيس سائين جوهر بروهي . سڀ شاعر ،اديب دلبر ۽ دلنواز دوست، استاد بخاري دادو ضلعي جي هر مشاعري جي جان هوندو هو .ٺورن گهڻن صدارت تي اعتراضن جي باوجود استاد سائين هر مشاعري ۾ وڏي فراخ دليءَ سان شريڪ ٿيندو هو نہ صرف شريڪ ٿيندو هو پر شريڪ ٿيڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو پوءِ استاد مشاعري ۾ ڪٿي بہ ويهندو هو تہ هو مشاعري جي سونهن ۽ خاص مهمان بڻجي ويندو هو. نماڻي صديق مهيسر کي بہ منهنجي خيال ۾ ميهڙ جي حوالي سان انهيءَ ادبي اسڪول جو تسسل چئجي تہ ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. جيتوڻيڪ نماڻي صديق مهيسر جو لب ،لهجو ۽ انداز پنهنجوئي آهي پر ان ۾ ميهڙ جي مينديءَ واري مهڪار ڪٿي ڪٿي ضرور

وائکي ٿي پوي ٿي تڏهن تہ من کي صاف رکڻ جون ڳالهيون ڪندي نماڻو چوي ٿو.

صاف ستروِ رک پرين من
رک نہ اصلي مير مـــن ۾

"نماڻي "جو اصلي نالو محمد صديق آهي، ذات مهيسر ۽ ادبي نالو" نماڻو صديق مهيسر"رکيو اٿائين نماڻو صديق مهيسر پنهنجي روز مرهہ جي زندگي ۾ نماڻو هجي يان نہ هجي ،اها خبر نہ آهي پر ادبي حوالي سان سندس ٻولي ٻڌائي ٿي تہ هو شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي تمام گهڻو نماڻو ٿي ويو آهي !

راڳ ڳائي" نماڻو "نچيو رات پر
ٿهڪ ٻيٺا ڏئي چنڊ ڪلندو رهيو.

اسان جي پياري دوست جي وري نماڻائي تہ ڏسو جو سڄي دنيا غلامي جا ٻنڌڻ ٽوڙڻ جا جتن ڪري رهي آهي پر اسان جو نماڻو دوست وري غلاميءَ جا سنگهر گهري ٿو وٺي ، نہ صرف ايترو پر هو پرين جي در ٻالو ٻڌجڻ لاءِ بہ تيار آهي پر چوڻ وارا چون ٿا تہ عشق ۾ بہ خودداري ضروري آهي .نماڻي صديق جو شعر پڙهي ڏسو.

اوهان جي غلامي اکين تي رکي مون
اوهان لئہ" نماڻو "تہ ٻالو بہ ٿيندو

نماڻو صديق مهيسر جي شاعريءَ ۾ تمام گهڻي نمرتا تہ آهي پر سندس شاعريءَ ۾ ماڻهپي جون ڳالهيون بہ آهن .هو بي لوث پيار کي ماڻهپي جي نشاني سمهجي چوي ٿو تہ،

پيار انسان جو ماڻهپو
ماڻهپي کي وڃائين متان

"نماڻي " صديق جي شاعريءَ جو هڪ ڪتاب "تنهنجي سهڻي سار" اڳ ۾ شايع ٿي چڪو آهي هي سندس شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب "سونهن جي بارگاهہ"

توهان جي هٿن ۾ آهي نماڻي صديق مهيسر جي شاعري ۽ ڪتابن ڇپائڻ جو شوق پڌائي ٿو تہ نماڻو صديق مهيسر جو شاعريءِ سان ڪيترو پيار آهي؟ ۽ هو اهوئي چاهي ٿو تہ سندس شاعري جلد ڇپجي ۽ پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي .

نماڻي صديق مهيسر جي شاعريءِ جا ضرور گهڻائي پهلو آهن پر منهنجي سامهون جيڪا شاعري آهي انهن ڪجهہ غزلن ۾ گهڻو ڪري سندس داخلي جذبن جي ئي عڪاسي ٿيل آهي .جنهن ۾ پيار ۽ محبت جي جذبن ۽ احساسن کي پنهنجي حال سارو اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي .

شخص هڪڙو لهي ويو من ۾
ڇٽنگ چاهت ڏئي ويو من ۾
پيار آهي" نماڻي "کي مليو
درد جو گهر ڊهي ويو من ۾

هي حياتي ٿورڙي آ
پيار جي رک هير من ۾
دل ڏني توکي" نماڻي "
رک نہ تنهن لئہ غير من ۾

هي شاعري جو ڪتاب" نماڻي "صديق جي پيار جو پورهيو اوهان جي هٿن ۾ آ اوهان پاڻ پڙهو ۽ پنهنجي راءِ کان ڪيس ضرور آگاهہ ڪيو .اسان جون نيڪ تمنائون" نماڻي" صديق مهيسر سان گڏ آهن شال سندس قلم تازو رهي ۽ هو پنهنجي سالم سهڻي سنڌ وطن ۽ وطن واسين لاءِ پيار ڀريا گيت ۽ نغما لکي سنڌ امڙ کي ارپيندو رهي .

10جنوري2013

قاضي مقصود گل

المنظر گهر _ رتوديرو

*

پرقلمڪار لئہ زندگي ٿورڙي!

شاعر جي سوچن جا دائرا، روين جو ورتاءُ سياءُ سندس گهرين نظرن جا مشاهدا، احساس جذبا ۽ جذبن جا وهڪرا ۽ انهن جا اظهار عام ڪان بنہ الڳ هوندا آهن،

زميني حقيقتون ڪائنات جون وسعتون ۽ سندس آڏو دنيا جن ڪار وهنوار نياءُ ۽ انياءُ، گناهہ ۽ ثواب جا ڪينواس معيار ۽ مايا بہ هر ڪنهن ڪوتا گرجا پنهنجائي ٿين ٿا .

شاعري جي ڪيتر جو سفر آئون پانيا ٿو دنيا جي ٻين فنون لطيف وارن وارياسن جي ڪشالن ڪان منفرد ۽ انوکو ۽اهنجو پڻ ٿئي ٿو ڇو جو لفظن جي تاجيپيتي آڌر احساسن، امنگن۽ انسان جي مختلف اڏمن جو اثرائيتو خاڪو بڻائي پنهجن هم زبان همعصرن تي حاوي ٿيڻ، پاڻ ڪي نشانبر ڪرڻ نهايت ڏکئي ۾ڏکيو ڪم ٿئي ٿو،

ڪلا جي هن اٽانگي سفر۾ ڪيترا اڻ ڳڻيا همسفر بہ توهان سان هن قافلي ۾ گڏوگڏ وکون کڻندا هلن ٿا هتي آئون اهو پڻ ٻڌايان تہ شاعراڻي تخليق جي اظهار ۾ شاعر جا موضوع انسان ۽ فطرت جي عام واقعن مان کنيا وڃن ٿا ۽ پوءِ تخليقڪارتي اهو لازم ٿئي ٿو ان واقعن۾ ۽ ڪردارن ۽ فطرت جي نت نون ظاهري ۽باطني گجهن ڪائنات جي وشالتا ان وشالتا ۽ وسعتن ۾ وسندڙ سهسين سندرتائون رنگ برنگ منظر نيرن ندين جا وهڪرا حسين پوپٽن جون اڏارون بدلجندڙ موسمون ۽ هر موسم آهر اندر ۾ اپرندڙ جنم وننڌڙ ولولا مهم جوئين ۽ عاشقي جي لازوال داستانن تاريخ جي مهربانين ۽ بي رحمن جي بياني پنهنجي پوري مشاهدي سان اثرائتي زبان ۾ ڪرڻي آهي تہ جيئين

سندس تخليق جو لاپ عام کان خاص تائين پهچي سگهي جيڪا ٻولي عام زندگي ۾ عام جي واتان ڳالهائي وڃي سائي اگر شاعريءَ ۾ ٻہ اظهار جي تہ پوءِگهڻين پاڻين تخليقي سفر سگل ياسجايو بڻجي ٿو سنڌ جي سماجي سياسي معاشي عشقيہ ۽ بين انيڪ رخن جي شاعري هينئر پنهنجي پنهنجي وس آهر هر سرجڻهار جو موضوع بڻيل آهي قلم ۽ ڪلڪ جي نب روان دوان آهي پر اها رواني پنهنجي سماج ،فرد،۽ قومي مقصد لاءِ ڪيتري ڪارآمد آهي اهو طئي وقت ۽تواريخ کي ڪرڻو هوندو آهي ان سان گڏو گڏ اهو بہ ڏسڻو آهي تہ ان شاعر جي ٻولي ان قوم جي ٻوليءِ کي ڪيتري هٿي ڏئي ان کي وقت پٽاندر مضبوط ڪان مضبوط ڪندي رهي ٿي يا نہ ، ٻوليءِ جي استغفارڌ تشبيهن پهاڪن محاورن مروج ۽ متروڪ لفظن کي اها ڪيترو زندهہ رکي ان جو تسلسل بڻجي ان جي سهائتا ڪري ٿي. ٻولي ۽ شاعري کي پرپورءِ مالا مال ڪرڻ لاءِ ٻولي جي هر لکاريءِ کي سڀ کان اڳ ۾ اهو تعجب نہ ڪرڻ گهرجي تہ سندس هرئيندڙتخليق سندس ٻولي جي مٿين گهرجن جو ڪيترو پورائو ڪري سگهي ٿي يا پورائوڪندي يا پورائي ڪرڻ جي قابل آهي. منهنجي تجربي مطابق تہ هر منصف سڀ کان اول پنهجي تخليق جو پاڻ ئي وڏومنصف ٿئي ٿو وقت جي وهڪرن، ميڊيا ۽ دنيا جي ٻين ابلاغ جي ذريعن ۾ وڪوڙيل ۽ وچڙي پيل ويچاري عام ماڻهو جي منجهيل ميتن ۾ ايتري دفاعي سگهہ ڪٿي باقي رهي آهي جو هو پنهنجي پيٽ، نفس، عزت نفس ضمير ۽ ان سان گڏوگڏ پنهجي ٻولي، تهذيب جوبہ هڪ ئي وقت دفاع ڪري سگهي. بي پناهہ خواهشن ۽ نماء جي اڻ ڪٽ پاونائن ۾ ورتل حريعس ماڻهوءَ جون هينئر ترجيحون ئي ٻيون ٿيون ويون آهن پر ان سڄي موجودهہ وايو منڊل ۾ نہ هڪ قبيلو اڃان اهڙو آهي جيڪو ٻين جي مقابلي ۾ اڃان گهٽ حريصءِ داغدار بڻيوآهي ۽ ان لکاريءَ قبيلي جو هڪ فرد،اسانجي هن ڪتاب جو شاعر نماڻو صديق مهيسر بہ آهي سونهن

جي بارگاهہ ۾ سربجود پنهنجي مطلوب جي طالب نماڻي صديق پنهجي نئين نڪور شاعري سان سنواريل ڪتاب جو نالو ئي رکيو آهي سونهن جي بارگاهہ سندس شاعري جا حسبِ روايت موجودہ رحجان موجب سونهنءَ ساڻيهہ جي موضوعن تي مشتمل آهي پر ان روايت يا ڪيس جو هي ڪو نئون يا پهريون مسافر ڪونهي جتي پٽائي سرڪار صديون اڳ چوي ٿو

سڄڻ ۽ ساڻيهہ ڪنهن اٽاسي وسري (شاهہ)

اتي ان پنهنجي روحاني پيشوا جي تقليد ۾ نماڻو صديق مهيسر بہ ساڳي نوع جو ساڳيو اظهار شاعري جي بنہ پنهنجي ورثاء ۾ اجهو هنئين ٿو ڪري

سنڌ ۽ منهنجي پرين جي اي خدا، شل سلامت آبرو جاري رهي

سونهن ۽ ڌرتي نماڻو پيو لکي بس لکڻ جي آرزو جاري رهي

(نماڻو صديق مهيسر)

نماڻي صديق جي شاعري جو، تنهنجي سهڻي سار ڪانپوءِ هي ٻيو شاعريءِ جو ڪتاب جنهن جي وچم وٿي فقط ٽن سالن جي آهي سو ازخود پاڻ ئي نماڻي صديق جي هن شاعراڻي پنڌن پيچرن جي سفر جو ساکي آهي ۽ ان جو وڏو پختو شاهد هي ٻيو ڪتاب سونهن جي بارگاهہ خود آهي منهنجي دلي دعا آهي تہ هو پنهنجي ساڻيهہ پنهنجي ٻوليءِ جي جهولي پنهنجين پورين سچائين سان پريندو رهي ۽ ڪيس ڪڏهن بہ شاعريءِ جي رڻ جو سفر ڪندي ٿڪ جواحساس نہ ٿئي

عبدلغفار.تبسم

نئوديرو

*

پنهنجي پاران

منهنجو شاعريءَ جو پهريون ڪتاب "تنهنجي سهڻي سار" جنوري سال 2010 ۾ ڇپيو، جنهن کي اوهان پڙهندڙن وٽانڀرپور مانائتي موٽ ملي آهي. ٽن سالن کان پوءِ هي منهنجو شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب "سونهن جي بارگاھ" اوهان مانائتن پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ حمد، نعت، منقبت، غزل، نظم، بيت، ڏيڍوٽا، چوسٽا، پنجڪڙا ۽ وايون شامل آهن. آءٌ ڪو ايڏو سگهارو ذات ڏٺي ڪونه آهيان، پنهنجي اندر جي داخلي توڙي خارجي گڏيل احساسن کي سٺين سڌي نموني اظهاريو آهي. هي جڳ ڏکن سکن جو ميلو آهي ڪٿي روح راڙو ڪٿي دهل شرنايون، هوش سنڀالڻ کان پوءِ خوشين جي ڀيٽ ۾ ڏک منهنجي پلئه ۾ وڌيڪ پيا آهن. آءٌ فطري طور جذباتي گهڻو رهيو آهيان.

جيجل ماءُ جي وڇوڙي کان پوءِ ڀوھ جوانيءَ ۾ حادثاتي طور 9 مارچ 2013 ع تي پنهنجي گذاري ويل پنهنجي مرحوم ڀاءُ غلام شبير جي موت جو صدمو سهندي هن وقت ذڪائتي ڪيفيت ۾ جيون جون گهڙيون گهاري رهيو آهيان اهڙي غمگين گهڙين ۾ شاعري منهنجي اڪيلائي جي لمحمن ۾ بهترين سهارو بڻي آهي. موجوده وقت ۾ ڏينهن و ڏينهن محبت ۽ ماڻهپي جي ڪوٽ شديد ٿيندي پئي وڃي اهڙي خطرناڪ صورتحال ۾ هر ساڄاھ وند قلمڪار تي فرض آهي ته هو پنهنجي شاعري وسيلي هيسيل ذهنن ۾ ڀاجهه ۽ امن جو پيغام اماڻن ۽ معاشري جي بهتر تبديلي لاءِ پاڻ پتوڙين.

منهنجي هن قلمي پورهئي "سونهن جي بارگاھ" ۾ جيڪو ڪلاسيڪل پيغام سمايل آهي اميد ته سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي لاءِ آٿت ۽ اتساھ جو سبب بڻجندو آءٌ پنهنجي سيني پڙهندڙن، مهربانن ۽ دوستن جو ٿورائتو آهيان جن هروقت مون کي تنقيد براءِ اصلاح جي بنياد تي پنهنجي قيمتي راين کان آگاھ ڪيو ۽ ڪندا رهندا.

جن ۾ مانائتن ڏات ڌڻين منهنجي هن ڪتاب تي پنهنجي رايا مهاڳ مضمون لکيا آءُ انهن سيني قلمڪارن جي دل سان آجيان ڪريان ٿو ۽ ٿورائتو آهيان انهن ۾ سائين امداد حسيني سائين عبدالغفار تبسم سائين قاضي مقصود گل سائين گوهر گل ڳورڙ سائين آزاد منگي، صابر سيدپوري، سائين محبوب علي ڏيپر، سائين احسان زنگيجو، سائين عبد مگسي ۽ منهنجي ڪتاب کي ڪمپورز ڪري سهڻي نموني سان توهان تائين جلد آڻيندڙ عمران سومرو (عمران انجم) آصف گاڏهي، عابد لنڊ ۽ خوبصورت ٽائيٽل ڊيزائن ڪندڙ سائين جنسار علي خاصخيلي، سائين رحمت سومرو ، سائين الطاف جانوري، سائين ذوالفقار گاڏهي، سائين گلزار، سائين ايڊوڪيٽ عابد چانڊيو، سائين بشير پنڊ، سائين معصوم بخاري، سائين امتيازعادل سومرو، سائين احسان دانش، سائين رضوان گل، سائين ثناءُ الله چنجڻي، سائين دلدار راڄڙائي، سائين بسمل راڄڙائي، سائين مانجهي زرداري، سائين ساحل لاکير، سائين ساٿي محبوب زنگيجو ۽ والدِ محترم محمد عثمان مهيسر ۽ ٿورائتو آهيان پنهنجي پيارن دوستن شاهد ابڙو، علي اصغر چانڊيو، خانڻ پتوجو، عنايت راهي، هدايت الله سومرو، ذوهيب جتوئي، ڪامل امداد جتوئي، يوسف سنڌي، فقير محمد سنڌي ،خليق ٻگهيو، خدابخش مهيسر، منظور مولائي ڪوسو، محبوب جانوري، سائين ساجد چانڊيو، شاهد علي خاصخيلي، وحيد علي خاصخيلي ۽ تمام پڙهندڙن سيني مانائتن سڄڻن جو شڪرگذار آهيان.

هن ڀيري بہ توهان پڙهندڙ جي راءِ جو انتظار رهندو.

سنڌ سلامت سات سلامت

نماڻو صديق مهيسر

03003255769

ڳوٺ پپري راڄڙ روڊ ميهڙ
معرفت غلام محمد ڳورڙ
ڪريانہ مرچنٽ
مين روڊ ميهڙ

نعت / منقبت

مصطفيٰ ﷺ تنهنجي اچڻ سان جڳ ٻئي جرڪي پيا!
نور جي بارش ٿيڻ سان جڳ ٻئي جرڪي پيا!

جڳ ٻئي تنهنجي ڪري الله آهن خلقيا!
ٻاجھ ۽ شفقت ڪرڻ سان جڳ ٻئي جرڪي پيا!

تو اسان کي واٽ حق جي ڪان ڪيو واقف نبي ﷺ!
گگھ اوندھ جي وڃڻ سان جڳ ٻئي جرڪي پيا!

روح هيڻن جو رنجائن پيا هي ئي پنڪيل آدمي!
حق جي پڌري ٿيڻ سان جڳ ٻئي جرڪي پيا!

آهي عيبن سان ڀريل تنهنجو "نماڻو" هي سچو!
سڪ منجهان نعتون لکڻ سان جڳ ٻئي جرڪي پيا!

*

آهي گهڻو مون کي غم دلبر حسينؓ جو
ڪربل ڪٺو ويو آ اصغر حسينؓ جو

ڏس ڪيئن تو ڪلي پيو قاتل امام جو
پر مددگار آهي پرور حسينؓ جو

آهي وڏو قصو ڏس ڇا مان بيان ڪيان
ماتم تڏو رڳو آ گهر گهر حسينؓ جو

مولا ڪندو نہ هوندو دشمن حسينؓ جو
دوزخ ۾ پيو سڙندو منڪر حسينؓ جو

سيد گهراڻي جو آ خادم "صديق" هي ء
مولا رکي سدائين نوڪر حسينؓ جو
*

آهـــي گهـڻي ســـين كـــان عظـمت حسينؓ جي
دل ۾ ســـــدائين آهـــي عقـــيدت حسينؓ جي

جنـهن يـــي جهـــلي آ دامـــن دلبر حسينؓ جي
تنـهن تـــي وسـي ٿـي هر دم رحمت حسينؓ جي

بـيشڪ بهـــادريءَ ســـان لـــڙيـــو يزيد سان
حـق لـــئہ هـــئي همـــيشہ بـــغاوت حسينؓ جي

در كوڙ ٿو ڏِسان مان سنسار ۾ سخين جا
لـــيكن مـــٿي آ ســـپ كان سخاوت حسينؓ جي

پڪ ٿـــم تـہ ملـــندي جـــنت سپ ڏوهہ بخشـــبا،
دل ۾ هـــميشہ آهـــي محـــبت حســـينؓ جي

جـــو كـــجهہ بـــ اڄ " نـماڻو" بڻيو" صـديق" آ،
ســـا ٻيي انـــهيءَ تـــي آهـــي عنايت حسينؓ جي.

*

تـــو جيـــان ڀـــيو نـہ ٿيـــندو سخا ۾ حسينؓ.
وئـــين خـُــدا کـــي وڻي تـــون وفا ۾ حسينؓ.

ســـر جـُــدا ڌڙ جـُــدا پـــو بـــہ مـــرکين پيو،
ديـــد تنهـــنجي هـــئي هڪ خدا ۾ حسينؓ.

ڏينـــهن مـــحرم ڏهـــين جـــو اچـــي ٿو جڏهن،
پـــيو ٿـــو سـُــڏڪا ڀڏان مان هوا ۾ حسينؓ.

وئـــي فـــنا ٿـــي يـــزيـديت همـــيشا جـــي لـئـہ،
ديـــن ســـارو ۽ تـــون آن بـــقا ۾ حسينؓ.

ســـاهہ منهـــنجي ۾ سائين ســـمايـــل اِهـــين:
۽ ســـندم آهـــين گـــڏ تـــون انا ۾ حسينؓ.

آس دل ۾ "نـــمـــاڻـــي" رکـــي آ اهـــا،
شـــل دفـــن مـــان ٿـــيان ڪربلا ۾ حسينؓ.

*

حــق دیــن ڪــربــلا ۾ مــولا ادا ڪــري ٿــو.
خـــنجــر جـــي ڌار هيـٺــان سجدا ادا ڪـري ٿــو.

جنــهن پـــي رڪـــي محـــبت آلِ رســولﷺ سان آ،
الله تنـــهن جـــي هـــر پل مشڪل ڪشا ڪري ٿو.

حـق ســچ حسين ســان گڏ خوشبو ۽ گل جيان ٿي،
ســاڪــي آ ريت ڪــربــل مـــولا وفا ڪري ٿو.

دربـــــار مصطفيٰ ۾ راحب جــي عرض ڪي پــي،
لـــوح قـــلم ڪي بـــدلي ست پٽ عطا ڪري ٿو.

جهولي جهلي "نماڻي" ڪربل ڏي منهن ڪري جيئن،
تنهن جـــو پـــڪو عقـــيدو مـــولا شِــفا ڪري ٿو.

*

روح منهنجي ۾ رڳن ۾ آهين تون شامل حيسن رضہ،
توکان پو عادل نہ ٿيندو تون وڏو عادل حسين رضہ!

گهر عليءَ جو ۽ سچي دنيا اِهي مهڪي پئي،
فاطمہ رضہ جي جيئن جهوليءَ ۾ ٿئين داخل حسين رضہ!

تنهنجي قربانيءَ جي عيوض ٿا پڙهون ڪلمو اسان،
تنهنجو جهنڊو اوچو ڪلمي ساڻ آ مرسل حسين رضہ!

حق سندي تو واٽ ڏيکاري شهادت آ ڏئي،
ماڻهپو بخشي اسان کي تو ڪيو قابل حسين رضہ!

توتي منهنجو آ عقيدو منهنجا سچا رهنما،
ڪين توکان مان ڪڏهن آهيان رهيو غافل حسين رضہ !

دين خاطر سر ڪٽايا ڪيترن آهن مگر،
دين تنهنجي ئي ڪري بيشڪ ٿيو ڪامل حسين رضہ!

ذڪر منهنجي فڪر منهنجي ۾ رڳو نالو سندءِ،
ڏي شفا جهولي جهلي آهيان ٿيو سائل حسين رضہ!

تنهنجو آهي بس "نماڻو" تنهنجو ئي رهندو سدا،
ٻاجهہ تنهنجي شل رهي تنهن جي مٿان فاضل حسين رضہ!

*

متان غم وساريو ڇڏيو ياحسين رضہ
رڳو پيا پڪاريو ڇڏيو ياحسين رضہ

نہ ملندي شفا بن محبت حسين رضہ
پيا لُڙڪ هاريو ڇڏيو ياحسين رضہ

ملائڪ رُنا ۽ رُني ڪائنات،
محرم ڪي ساريو ڇڏيو ياحسين رضہ

وڃو ڇو ٿا ٻئي در دعائون گهرڻ،
نجف ڏي نهاريو ڇڏيو ياحسين رضہ.

"نماڻو" تہ سيّد جو خدار آ،
مقدر سنواريو ڇڏيو ياحسين رضہ.

*

عابد حسين آهي ذاڪر حسيّنؓ آهي.
اسلام جو محافظ سرور حسيّنؓ آهي.

رهبر ٻيو نه آيو، آهي نه ڪوئي ايندو،
ناني نبي امت جو رهبر حسيّنؓ آهي.

ڪربل ۾ سر ڪٽائڻ خاطر ٻچن سان گڏجي،
خدمت ته دين جي لئه حاضر حسيّنؓ آهي.

سختي جي راهه تي پي صابر حسيّنؓ رهيو،
صابر ٻيو نه ٿيندو صابر حسينؓ آهي.

ڪافر ويو مري آ، جيئرو به ناهي ٿيڙو،

باطن حسين آهي ظاهر حسينؓ آهي.

ناهي مونکي محبت ڪنهن ٻي پليت سان ڪا،
عاشق حسين جو هان، دلبر حسينؓ آهي.

مقدر وچي پيو ان جو سنور جي سدائين،
جنهن جو ويو بڻجي بس مقدر حسّينؓ آهي.

آهيان حسين جو مان آهي حسينؓ منهنجو،
منهنجي اکين سندو ئي منظر حسّينؓ آهي.

نيزي تي ڏيئي خطبا ثابت ڪري ڇڏيائين،
ڪربل جي سرزمين جو حيدر حسّينؓ آهي.

هت آءٌ هڪ نہ آهيان، آهن غلام ڪيئي،
پائي ڏسو تہ جهاتي گهر گهر حسّينؓ آهي.

اسلام جي بقا لئہ قربان گهر ڪري ٿو،
سچ تي پيو وفا جو پيڪر حسّينؓ آهي.

ناهي ٻيو ڪو رستو مولا حسين کان ٻن،
اول حسين آهي آخر حسّينؓ آهي.

سو ڪيئن نڌڻڪو ٿيندو ڏس مون کي "نماڻا"
جنهن جي اندر سمايل جيڪر حسّينؓ آهي.

*

غزل

وقت ڪيڏي جفا ٿو ڪري،
يار توکان جدا ٿو ڪري.

زندگي توسوا بي چسي،
درد ويتر ڳيا ٿو ڪري.

پيار جنهن کي ڏيان ٿو سڏي،
سوئي نفرت عطا ٿو ڪري.

روح منهنجو ڦٿي ٿو پرين،
ڳالهہ مون سان نہ ڪا ٿو ڪري.

وقت پل بي وفائي ڪري،
روح توسان وفا ٿو ڪري.

ڏس "نماڻي" جي چريائي کي،
عشق جي پيو خطا ٿو ڪري.

*

نفرتن جا ڍير من ۾،
چورڪين ٿو وير من ۾.

هي حياتي ٿورڙي آ،
پيار جي رک هير من ۾.

صاف سُٿرو رک پرين من،
رک نہ اصلي مير من ۾.

چاهتن جو دل منارو،
چاهتون رک ڍير من ۾.

دل ڏني توکي" نماڻي "،
رک نہ تنهن لئہ غير من ۾.

*

ڪــــڏهن نـــيٺ ايـــندين اجـــالــو بـ ٿـــيندو،
پــــريـــن چـــاھ پنهـــنجو نـــرالـــو بـ ٿـــيندو!

ســـــدا ســــور ســـــاٿي نـ رهـــندا هي مون وٽ،
خـــــوشين جـــــو تـــ ڪــوئي جمـالو بـ ٿيندو!

رڳـــو خـــــار جهولـــي پـــري تـــو ڏنا هن،
پـــــلا تن جــو ڪــوئي ازالـــو بـ ٿيندو!

ڪـــــندي نـــيٺ انـــصاف تـــاريخ مون سان،
اســـان جــــو ڪتي پــڪ حــــوالو بـ ٿيندو!

اوهـــــان جـــي غــــلامي اڪــين تـــي رکـــي مون،
اوهـــــان لـــئہ" نــماڻو "تـــ پــالـــو بـــ ٿيـــندو!

*

پـــيار ڪـي پـاپُ پـــائـين مـــتان!
پـــيار ڪـــان تـــون لـــنوائين مـتان.

پـــيار انـــسان جـــو مــــاڻهـپو،
مـــاڻهـــپي ڪـــي وجـــائين مــــتـــان.

چـــاهـــ دولـــت وڏي شـــيءِ اتـــئي،
اهــــڙي دولـــــت لـِڪـــائين مــــتان.

هـــيءِ ڏرتـــي ســـڄي پـــيار ٿـئي،
تنـــهن ۾ نفرت سمائين مـــتان.

ڏئـي چـمي ڳــل" نماڻي "سان مل،
پـــير پوئتي هـــٽائين مـــــتان.
*

مون کي راڻو ڪري ڇو وڃين ٿي پري؟
مون سان ماڻو ڪري ڇو وڃين ٿي پري؟

پيار امرت ڏئي پاڪ جيون ڪري،
پو ويڳاڻو ڪري ڇو وڃين ٿي پري؟

سات تنهنجي ڏني آ نئين زندگي،
من هي گهاڻو ڪري ڇو وڃين ٿي پري؟

مس ملي ڪا خوشي تنهنجي ڪارڻ هئي،
ايئن اياڻو ڪري ڇو وڃين ٿي پري؟

ڇاهه پنهنجو ڏئي ۽ وري هيڪلو،
ڏس" نماڻو "ڪري* ڇو وڃين ٿي پري؟

سونهن توتي جهڪي، چنڊ ڪلندو رهيو،
پيار پنهنجو ڏسي، چنڊ ڪلندو رهيو.

وار ڪولي جڏهن تو وڌي پئي سڳي،
گيت توتي چئي، چنڊ ڪلندو رهيو.

رات آڏي پڪي تي سڪايئي پگهر،
پيئي چولو اڏي، چنڊ ڪلندو رهيو.

ياد منهنجي توکي آئي هوندي مٺي،
توکي هڏڪي لڳي، چنڊ ڪلندو رهيو.

تو ڪئي آ حياتي گلابي سندم،
ختم ٿي وئي غمي، چنڊ ڪلندو رهيو.

راڳ ڳائي "نماڻو" نچيو رات ڀر،
ٽهڪ ٻيڻا ڏئي، چنڊ ڪلندو رهيو.

*

اکين ۾ نمي ٿي رهي،
رڳو بس غمي ٿي رهي.

سڄو گهر سجايل اٿم،
سنڌءِ هڪ ڪمي ٿي رهي.

سڄڻ ياد تنهنجي صفا،
اندر ۾ ڄمي ٿي رهي.

بنا تو حياتي سڄي،
ڏکي هت وڏي ٿي رهي.

وڃي هر ڪو هليو هتان،
۽ چاهت رڳي ٿي رهي.

ملي وڃ "نماڻي" سان تون،
سنڌءِ سک گهٽي ٿي رهي.

*

درد لاڏا چيا،
ناچ زخمن ڪيا.

رات آڌي وري،
پور تنهنجا پيا.

بي رخي تو ڪئي،
دل جا ٽڪرا ٿيا.

تون وئين جو ڇڄي،
تنهنجا سپنا رهيا.

هيانءُ ڦاٽي پيو،
حوصلا سڀ ويا.

ڏِسُ" نماڻي" جي تون،
پائي من ۾ لئيا.

*

ڪو غريبن کي لٽو ڏي پو ميان،
۽ لٽي سان گڏ اجهو ڏي پو ميان.

پاڻ کائين ست رنگا ٿو طعام تون،
پر بُکين کي ڀي ڳيو ڏي پو ميان.

ڏين غريبن کي ڌڪا، چڙيون پيو،
قُرب تن کي ڪو جهجهو ڏي پو ميان.

ڪو گهري نالي خدا توکان اگر،
گهر ڀهاري تون سڄو ڏي پو ميان.

ڪڻ قلم تون لک "نماڻا" قوم تي،
شعر تنهنجو ڀي مزو ڏي پو ميان،

*

شخص هڪڙو لهي ويو من ۾
چٽنگ چاهت ڏئي ويو من ۾.

دود وانگر دکي چاهت،
آهي شعلو وڌي ويو من ۾.

نيڻ مون ڏي ڪنيا جڏهن به اتس،
عڪس هن جو ٺهي ويو من ۾.

هو ملي بس رڳو چئي ٿي دل،
لمس هن جو ته ٿي ويو من ۾.

پيار آهي "نماڻي" ڪي مليو،
درد جو گهر ٻڌي ويو من ۾.
*

ضـــد ڪـيو دل صــغير چــاهت جو،
تــي پـــيو هـــان اســير چــاهت جو.

پـــيار خـــيرات ۾ پــــرين ڏي تــون،
ڪـــر ڪــڻي تـــون امــير چاهت جو.

بادشـــاهي نـــتي ڪـــپي مـــون کـــي،
ڪـــر ســـڄڻ بـس مشير چاهت جو.

لـــوڪ ســـارو پڻـــيان آ دولـــت جي،
آءُ آهـــيان فقـــير چـــاهـــت جـــو.

قـــيد ڪـر تـون "نماڻي" پنهنجي کي،
پـــاءِ تنهن کـــي زنجـــير چاهت جو.

*

وچ پـــري تـــون نہ يـــار تـــرسي پئہ،
منهـــنجي دل جـــا قـــرار ترسي پئہ!

کـــوڙ عـــرصو خـــزان ۾ گـــذريـــو آ،
هاڻي مـــنهنجي بـــهـــار تـــرسي پـــئہ.

نيـــڻ نـــاهـن ٿـــکا تـــکي رســتا،
خـــتم کـــر انتـــظـــار تـــرسي پـــئہ.

کـــر نہ ويـــچا" صـــديق" ســـان ايڏا،
ٻـــڌ تـــو ن دل جـــي ڀـــکار تـرسي پئہ.

هوءِ مون کان رُسي، رات روئي پئي
درد منهنجا ٻُڌي، رات روئي پئي

مون ڏني هن کي آٿت، کئي بس نہ هن،
مون کي ياڪر وجهي رات روئي پئي

اشڪباري اسان جي ڏسي ڪيئن هت،
چنڊ سان گڏ ڪِتي، رات روئي پئي

درد تنهنجا ملن شال مون کي پرين،
ڏئي چمي ۽ چئي رات روئي پئي

گهور توتان وڃان مان" نماڻا" سدا،
ٿي" نماڻي" ڏسي، رات روئي پئي

*

مـــون ســـــان تنهـــنجي بـــي رخـــي رهجي وئي،
زنـــــدگـــي منهـــنجي ڏكـــي رهـــجي وئـــي.

تـــــو بـــــنا ويــــران رســـــتا ڳـــوٺ جا،
بـــــاهہ مـــن ۾ آ دكـــــــي رهـــجي وئـــــي.

تـــون نـــہ آئـين لـــوڪ محـــفل ۾ ســـــڄو،
بـــس اڌوري هـــــر خـــوشـــي رهـــجي وئـــي.

ڇـــا كـــيان مـــان بـــد نصيبيءَ كـــي ڀلا؟
مـــون مـــــتان قـــابـــض يـــكي رهجي وئي.

مـــون نـــہ ميـــندي مـــوڙ آهـــن كـــي ڀـڏا،
مـــون كـــي حسرت ســـا وڏي رهـــجي وئـي.

ســـــونهن تنهـــنجي چـــانـــد نيءَ كان ٻي گهڻي،
چـــــانـــدني تـــــوكـــي ڏســـــي رهـــجي وئي.

بيـــــــوسي قـــابـــض" نـــماڻي" جي مـــتان،
حُـــسن تـــي تـــوكـــي مـــڳي رهـــجي وئـــي.

*

بيوسي جي چار ۾ ڦاسي پيس
مان جڏهن کان پيار ۾ ڦاسي پيس

تو رکيا لهجا پرين جو تلخ ها،
مان غمن جي غار ۾ ڦاسي پيس.

ڪونہ نڪرڻ جي ملي فرصت ڪڏهن،
ورھ جي وسڪار ۾ ڦاسي پيس.

تو اچڻ جي ڪا عنايت ئي نہ ڪئي،
تو ڇيو سينگار ۾ ڦاسي پيس.

تو وڇايو ڄار وارن جو هيو،
مان اچي ان ڄار ۾ ڦاسي پيس.

ٻول جيڪي ٻوليا تو اڳ هئا،
تنهن مٺي گفتار ۾ ڦاسي پيس.

تنهنجي خاطر لوڪ سان وڙهندو ويم،
۽ رڳو تڪرار ۾ ڦاسي پيس.

تو ڪيو جنهن پل" نماڻي" کي جدا،
سو وڏي ويچار ۾ ڦاسي پيس.

*

نيڻ تنهنجا ٿو چمان مان،
چڻ هوا ۾ ٿو اڏان مان.

تو هنئي سُرخي چپن تي،
توکي ويٺو ٿو چُهان مان.

ٿر ۾ ڪاچو جيئن پياسو،
تيئن پياسو ٿو رهان مان.

سرنهن جي ڦولار جهڙي،
پيار توسان ٿو ڪيان مان.

وڃ اجهائي اِج اچي تون،
راهہ تنهنجي ٿو ڏسان مان.

اچ "نماڻي" تي ڪرم ڪر،
آسري تو ٿو جيان مان.

*

پاڻ سان گڏ سڀ ستارا جاڳيا،
گهر ٻُسي جا در ۽ جارا جاڳيا.

ويل اونداهيءَ جي آهي ٻوليو،
يار جا سڀ وار ڪارا جاڳيا.

جيڪي ٻي آهن پياسا سُرڪ لئہ،
سي سنڌو تنهنجا اجارا جاڳيا.

رات ساري گڏ" نماڻي" سان هُيا،
ڄام شوري جا نظارا جاڳيا.

*

حسن تنهنجو ڏسي،
چنڊ ويو آ لڪي.

رات روشن ڪئي،
سونهن تنهنجي مٿي.

پوئنر توتي ڦريا،
خوشبو تنهنجي سنگهي.

باک تائين هئي،
ديد تولئہ لڇي.

سڪ "نماڻي" جي آ ،
ڪين ليئي مان لٿي .

اڄ سمنڊ ڪناري تون پرين ،
وڃ جيءَ جياري تون پرين .

ناراض سهي پر ڳالهہ ٻڌ،
ڇڏجان نہ وساري تون پرين .

هي ديس وڃين ٿو تون ڇڏي،
پر ڪنهن جي سهاري تون پرين .

پئي ٻاهہ اندر ۾ آ ٻري،
ڇڏجان نہ ڏڪاري تون پرين .

اڄ نيڻ "نماڻي" جا ٿرن،
وڃ هيانءَ ٻہ ٺاري تون پرين .

*

پـــيار جـــي لئہ جســـتجو جـــاري هـــجي
دلـــــربـــا ســـــان گفـــتگو جــاري هـــجي

پــــــاڻ سيـــــنگاري پـــــرين پهـــتو اچـــي
شـــــاعـــري پــــو روبـــــرو جــاري هـــجي

جــــــو کـــپائـــڻ ديس پنهنجي کي گهـــري
دوســـــــتو ان تـــــي تہ ٿـــــؤ جـــاري هـــجي

سنـــــڌ ۽ منهـــنجي پـــــرين جــي اي خـــــدا
شـــــل ســــلامت آبـــــرو جـــــاري هجي

ســــــونـهن ۽ ذرتـــــــي " نـــــماڻو" پــيو لـکي
بـــس لــــکڻ جـــــي آرزو جـــــاري هـــجي
*

منهنجا سپنا جڏهن سپ ٽٽي ٿا پون
لڙڪ درياهہ وانگر وهي ٿا پون

چڙپ تنهنجي سهڻ جهڙو ناهيان پرين
درد من ۾ اچي سپ رهي ٿا پون

مان تہ مسڪين آهيان سادو ڳوٺ جو
ڏک ۾ شهري ماڻهو پي ڌهي ٿا پون

تون اچين ٿو خواب ۾ منهنجا من
منهنجا سپنا ٽٽل سپ ٿهي ٿا پون

چاهہ پنهنجي " نماڻي" کي جي ڏين پيو
تڪ سمورا صدين جا لهي ٿا پون
*

پـــاڻ کـــي پـــيار لـــئہ زنـــدگي ٿـــــورڙي،
تنهـــنجي ســـــڪ ســـــار لـــئہ زنـدگي ٿورڙي.

وقـــت گـــذري پـــيو تـــيز رفـــتار ســـــان،
چـــــا ڪـــيان يـــــار لـــئہ زنـــدگي ٿورڙي.

ٻـــول مـــون ســـــان اچـــي ٻـــول تـــون او مٺا،
تـــوســـــان گفـــتار لـــئہ زنـــدگي ٿـــــورڙي.

ســـــنڌ تـــــوتـــي لـــــکان بـيت وايـون غزل،
پـــــر قـــــلم ڪـــــار لـــئـــہ زندگي ٿورڙي.

ويـــهہ تـــــوکي "نـــماڻو" ڏسي ڪجهہ گهڙيون،
تنهـــــنجي ديـــدار لـــئہ زنـــــدگي ٿـــــورڙي.

*

جـــام شــوري جــي هـــوا جهـــڙي مـــــتي
ســـچ لــڳــين تـــي تـــون دعـــا جهڙي متي

تـــو كــي ڏســــندي دل پـــئي جهومي متي
خـــــاڪ كربـــل جـــي شفا جهڙي مـتـــي

كـــجهہ بـــ نـــــاهن حـــــور پـــريون تو اڳيان
عشـــق منهـــنجي جـــي كـــــتا جهـــڙي متي

لاهـــ دردن جـــــو اچـــي جـــهـــڙ دل مـــتـــــان
درد منهـــــنجي جـــي دوا جـــهـــــڙي مـــــتي

چـــــانـــو وارن جــــي كـــري ڏئي پيار وچ
او "نــــــماڻي" جـــي صـــــدا جهـــڙي متي
*

درد منهــنجي جـــي دوا كـــوئـــي كـــري
۽ دوا ســـــان گـــڏ دعـــا كـــوئي كـــري

تـــي وئـــي حـــــالت چـــرين جهڙي صفا
كـــاش منهـــنجي يـــي شفا كوئي كري

زنـــــدگي آهـــــي كـــــناري مـــــوت جـــي
منهـــنجي يـــي واهـــــر اِلا كـــوئي كري

كـــــوڙ منـــــزل تـــــي ملـــــيا مـــاڻهو مون كي
كـــو نہ مـــون ســـان ٿو وفا كوئي كري

ســـــاهہ جـــيكر هـــن "نـــماڻي" جو بچي
چـــوڻـــكـــارو بـــس خـــدا كوئي كري
*

زنـــدگـي تــوکي ڇـــڏي اڙپــي پــريــن.
هـــرخـــوشي تـــوکـــي ڇـــڏي اڙپي پريــن!

ڏات جـــي جـــا روشـــني مـــون کـــي ملـــي.
شــــاعـــري تــــوکي ڇـــڏي اڙپــي پريـــن!

مـــون کـئي جيڪا عـــبادت سونـهن جـي.
بـــــندگي تـــوکي ڇـــڏي اڙپـــــي پـــرين!

وقـــت جيـــڪي هـــن" نـــماڻي" کي ملـــيو.
هـــرگهـــڙي تـــوکـــي ڇـــڏي اڙپي پرين!

*

دوستن کان آ دغا ٿيندي رهي،
ها! مگر مون کان وفا ٿيندي رهي.

ڪوڙتيا جن پئي ڪڏا مون لئہ گهڻا،
پوءِ يي تن لئہ دعا ٿيندي رهي.

ڪن گلائون هو پيا منهنجون يلي،
مون کان بس تن جي ثنا ٿيندي رهي.

پيار منهنجي جا ويا ويري وڏي ،
پيار جي ليڪن بقا ٿيندي رهي.

مون ڪئي آ دوستي هن سان پئي،
دشمني هن کان ادا ٿيندي رهي.

*

ڪـــامــــيابـــي آ خــــدا ڏيــــندو رهـــيو
خــــوش نصــــيبي آ ســــدا ٿيــــندي رهي

دل مــــتان هـــت ڦــيريـــو دلـــبر جڏهن
درد ڪــــان تنهن پــــل شـــفا ٿيندي رهي

نـفــرتـــون تـــوڙي ڏنـــيون مون کي پرين
عــــاشــقي مـــون ڪـــان عطا ٿيندي رهي

ڏار جنــهن پـــل هــن" نماڻي" کي ڪيو،
هـــر خـــوشــي تنهن پل فنا ٿيندي رهي

*

زندگي کي بقا ملي پوندي،
تنهنجي جيڪر وفا ملي پوندي!

چاڪ تي من ڪلي گهمان جڳ ۾،
مون کي تنهنجي دعا ملي پوندي!

ڇيڙ جذبا پرين نہ تون منهنجا،
روح لڇندو، سزا ملي پوندي!

پيار ڏيندين دعا ڪندس توکي،
منهنجي دل کي شفا ملي پوندي!

ياڳ ٿيندو" نماڻي" جو بيڙو،
گهور تنهنجي مٽا ملي پوندي!

*

اڄ پــــراڻـــا ڦــٽ اٿــي پـــيا
لڙڪ اکڙين مـــان وســي پـــيا

بيــوفــا تـــون هين نہ مـــان
هــان،
بـــس وڇـــوڙا هـــت مــلي پـــيا

تـــون نـــياڳـــو ڪـــونہ آهين،
يـــاڳ منهـــنجا بس ٽـــٽي پـــيـا

مـــان تـــڏهن روئـــان پـــيو ٿـو،
پـــور تنهـــنجا هن وري پــــيـا

ڏوهہ نيـڻن جـــو ســـچـــو آ،
جـــو اچـــي تـــو سان اڙي پـــيا

يـــاد نـــاهي پـــيو" نـــماڻـا"
ســـــاريـــون تـــوکي رڳي پـــيا
*

وهہ جيان ٿي زندگي آ،
دل اندر ڏسُ ڏرتي آ!

لوهہ جيئن لوهر تپائي،
هر گهڙي اهڙي تتي آ!

من سڪو درياهہ آهي،
جنهن مان واري پئي اتي آ!

ٿر پياسو آءِ ڪاچو،
بوند پاڻي جي نڪي آ !

تو سوا سڏڪا ڀريندي،
هي حياتي مون ڪٽي آ!

زهر جيون ڪر نہ منهنجو،
زندگي توسان مٺي آ!

اڄ "نماڻي"ڏي مٺي تون،
شاعري تو بن ٻُسي آ!

*

پيار جي مون التجا آهي ڪئي،
پيار جي تو ابتدا آهي ڪئي!

تو سري ڪان منهنجي ٻانهون ٻئي ڏئي،
ڏئي چمي مون سان وفا آهي ڪئي!

دلربا توڪان اڳي ڪٿ هان بچان؟
تو حياتي لئہ بقا آهي ڪئي!

بند دروازو تہ کولي چاهہ جو،
چاهتن جي تو سخا آهي ڪئي!

تو ڪئي تجويز آ چاهت سزا،
عاشقيءَ جي مون خطا آهي ڪئي!

ساڻ توسان آ "نماڻو" اڄ وري ،
مهرباني سا خدا آهي ڪئي!

*

متو ميلو وڏي هبڪار سيوهڻ ۾
اچي پهتا وري حبدار سيوهڻ ۾

ٺري دلڙي ٺرن ٿا نيڻ هي منهنجا
قلندر جو ڪيم ديدار سيوهڻ ۾

وٺن ٿا فيض سڀ شهباز نگري مان
۽ نوراني آ هي وسڪار سيوهڻ ۾

وٺي هرڪو مزو ميلي جو سيوهڻ ۾
رڳو مستن ڪيا نچڪار سيوهڻ ۾

خدا منهنجون اگهائيندو دعائون سڀ،
لهي ويندا غمن جا بار سيوهڻ ۾

ثقافت جا ويا رنگ پيي رچي آهن
ٿيو ادبي آ سيمينار سيوهڻ ۾

ڪندو ڇو پو "نماڻو" لعل هوندي غم
اچي لهندو قلندر سار سيوهڻ ۾
*

امن ڪپي ۽ پيار قلندر
نہ تو ڪپي تڪرار قلندر

اڦپورو سنڌوءَ ۾ پاڻي
ڪرينس تارون تار قلندر

سدا ڏٺا هن غم جا منظر
هاڻي خوشيون ڏيڪار قلندر

تنهنجي نگري منجھ فسادي
تن کي ڪر هت خوار قلندر

تہ ڪاڇو وسڪارو ٻولي
سانگين جي لھ سار قلندر

سم ڪلر ۾ پونءِ وڪوڙيل
ناهي اڄ گلزار قلندر

سوالي "نماڻو" صديق تنهنجي در
ذرتيءَ کي سينگار قلندر
*

درد مــــارن جـــا مـــتائيـندو قلــندر
ديـس کـي اجرو بــڻائيــندو قلــندر

نفرتن جي ڇار جا ٽڪرا ڪري پڪ
بـــاغ رونــق جـــا وڌائـــــندو قلــندر

بيقــراري وسوســـا دل مان ڪڍي سڀ
چــــاهتون من ۾ سمائـــــيندو قلــندر

عرض پنهنجي هن "نماڻي" جو قبولي
عــرش تــي آسون پڄائــيندو قلـــــندر
*

تـــوکي ســاري امــان اڄ مـــــون روئي ڏنــو،
هـــيانءُ ڏاري امـــــان اڄ مـــون روئـــي ڏنــو!

حسرتون پـــاڻ سان سڀ وئين تـــون کـــڻي،
لـــڙڪ هـــاري امان اڄ مـــــون روئي ڏنو!

تنهـــنجي وڇڙڻ کـــان پو مان اڪيلو ٿيس،
گهر ســـنواري امـــــان اڄ مـــون روئي ڏنو!

تنهـــنجي تـــربت مـــٿان جيئن پهتس اچي،
ڏيـــئو ٻـــاري امـــان اڄ مـــــون روئي ڏنو!

تـــوســـــوا آ "نـــماڻو" ٻـــسو ٿـــي ويو،
دڳ نـــهاري امـــــــان اڄ مـــــون روئي ڏنو!

*

پـــرين ويـــچار منهـــنجي لئہ،
حـــياتـــي گهـــار منهـــنجي لئہ!

سـڪايـل هـــان صدين ڪان مان،
ڪـٽـــي آ پـــيـــار منهـــنجي لئہ!

چـــڏي ڏي تـــون زمـــاني کي،
اگـــڻ اچ يـــار منهـــنجي لئہ!

نـــہ ڪـــر ڪـــاوڙ اجائي تون،
وري دلـــدار منهـــنجي لئہ!

خـــوشيون تنهنجون، غمي تنهنجي،
هـــجي ســـرڪار منهـــنجي لئہ!

ڪـــري پـــيدا ســـچڻ تـــوکي،
خـــدا هـــر بـــار منهـــنجي لئہ!

بـــنا تنهـــنجي سچـــي آهـــي،
حـــياتي بـــار منهـــنجي لئہ!

ســـوا تنهـــنجي "نـــماڻا" سچ،
خـــوشيون بيـڪار منهـــنجي لئہ!

*

ڏور ايـــڏو نـہ وجــجي كـــڏهن
جيئن موٽي نہ سگهـجي كـــڏهن

هيكـــلو همــسفر كـــي كـــري
راھہ ۾ اِينءَ نہ ڇـــڏجي كـــڏهن

پـــيار ڏئي جـــو ســڏي پــــاڻ ڏي
من مان تنهن كي نہ كڍجي كڏهن

سُڌ نہ آهـــي حيــاتي جـــي كا
ويــر كنهن سان نہ ركجي كڏهن

پنهنـجي منــزل رڳـــي پيـــــار آ
واٽ ٻــــي كــا نہ وٺجي كڏهن

نـــفرتـــون نـــانگ جـــهڙيون اٿئي
جـــاءِ تن كـــي نہ ڏيــجي كڏهن

نـيهُن قـــائم "نـــماڻـــا" كـــري
منهن ٻہ تنهن كان نہ مٽجي كڏهن

*

ماک ٻاهر وسي ٿي پئي
ياد تنهنجي اچي ٿي پئي

سات تنهنجو جي ناهي پرين،
دل تڏهن هيءَ لڇي ٿي پئي

تو بنا ڪيئن خوشيون ڪيان
منهنجي ڳڻتي وڌي ٿي پئي

پيو وهي ٿو پگهر جسم مان
جان ٻي هيءَ ڏکي ٿي پئي

تڏ ۽ گرمي گڏيا پاڻ ۾
لڇ ۽ پڇ ٻي مچي ٿي پئي

تون ويو يار پرديس آن،
تولئہ دل هيءَ سڪي ٿي پئي

پيو ٿو سڏڪا "نماڻو" ٻري
پار دلڙي ڪڍي ٿي پئي

*

ساهہ تڙپي پيو ڇا ڪيان؟
من بہ ٻڙڪي پيو ڇا ڪيان؟

قيد خانو ڪري زندگي،
لوڪ مرڪي پيو ڇا ڪيان؟

ڪير ڪنهن جو نہ همدرد آ،
درد ڀڙڪي پيو ڇا ڪيان؟

جڳ سڄو آ مفادي ٿيو،
جسم تڙڪي پيو ڇا ڪيان؟

نانگ بڻجي "نماڻي" ڏي جڳ،
روز سُرڪي پيو ڇا ڪيان؟
*

تــوکــي ساڻــي جناب پايان ٿو،
زنـــدگــي کـــي گلاب پايان ٿو!

منهنجــو جيـــون گناهہ جهڙو هو،
توســـان گـڏجي ثواب پايان ٿو!

جـــو لـــکيو ٿم ڪتاب اهڙو آ،
شاهہ جو ڪٿ ڪتاب پايان ٿو!

پيار مون سان ڪرين پيو ليڪن،
تــوکـــي آهـي حجاب پايان ٿو!

جي چني ٿو "صديق" پنهنجي کي،
پـــوءِ جيـــون عـــذاب پايان ٿو!

*

تنهنجي وارن ۾ سڳي آ خوبصورت،
سا سڳي انڌلٺ رنگي آ خوبصورت!

ريل گاڏي ۾ ٿيو تصور آ تنهنجو،
ياد تنهنجي من ڀڪي آ خوبصورت!

منهنجي ڪمري جو ڪيٽ کولي ڇيو تو،
شاعري تنهنجي سڄي آ خوبصورت!

لوڪ ساري جون نگاهون تو ۾ آهن،
۽ چون ٿا پيا سڪي آ خوبصورت!

مٺ نہ تنهنجو آ هتي ڪوئي بہ منٽي،
تو جيان ٻي هت نڪي آ خوبصورت!

تو "نماڻي" جي حياتي آ وڌائي،
دل ڏني توکي کلي آ خوبصورت!

*

چپ چمان تنهنجا ڪنوارا هي مٺي،
ڏک لهن منهنجا پـو سارا هي مٺي!

نيڻ مون ڏي ٿي خماري تـــون ڪٽي،
چڙ سنڌوء جا ٿئي ڪنارا هي مٺي!

نانءُ تنهنجو مــون سبـي من ۾ چڏيو،
گهــور تـــوتان چنــڊ تارا هي مٺي!

پيار تنهنجـــو آ ضــروري پاڻ لئہ،
ڏي چمڻ تــون نيــڻ پيارا هي مٺي!

شهر تنهنجي ٿو اچان تنهنجي ڪري،
توسان هن سينــگار ســارا هي مٺي!

چـا ڪـــري بيوس "نماڻو" آ بڻيل،
جذبا جنهــن جا هن اجارا هي مٺي!
*

اڄ ڇڏي تڪرار ڏي تون،
اڻ ميو يي پيار ڏي تون!

زندگي بيڪار آهي،
عاشقي ڪردار ڏي تون!

ساهہ پوسٽ ۾ سچو آ،
ڪجهہ ڪرڻ ديدار ڏي تون!

حوصلن منهنجي ٽٽڻ کان،
اڳ خوشيءَ جو هار ڏي تون!

نينهن ڳنڊ پنهنجو "نماڻا"،
سات جو سهڪار ڏي تون!

*

منهنـــجي جيـــون جو حصو آهين پرين،
مـــونـــکي ڪيـڏو ن تون مٺو آهين پرين!

تون وئيـن مـون کان رسـي ڏس ڇو پري؟
يـــاد مـــون کـــي تـون رڳو آهين پرين!

ڪونه مون ڏي ڪا ڪرين ٿو فون تون،
ڇـو ٿيـو ايـڏو پـڪـــو آهين پرين؟

مخلصي تنهنجي مون سمجهي عاشقي
چنـــڊ کـــان سهڻـــو ڇٽـو آهين پرين!

روح تـــڙپي ٿـــو "نمـــــاڻي" جو پيو
ڇـو پـري ويـٺـو يـڪـــو آهين پرين؟
*

زنـــــدگيءَ جـــا روپ تـــو ۾ سڀ ڏٺم،
دوستـــيءَ جـــا روپ تـــو ۾ سڀ ڏٺم!

شاعـــريءَ جي سونهن جــا سڀ اولڙا،
گائـــڪـــيءَ جــا روپ تو ۾ سڀ ڏٺم!

ٻاٽ ڪـــي روشـــن رڪـــي ٿي جا سدا،
چانـــدنيءَ جـــا روپ تـــو ۾ سڀ ڏٺم!

دل ليـــائينـــدا رهـــن ٿا جي پرين،
دلـــڪشـــيءَ جا روپ تو ۾ سڀ ڏٺم!

مئڪشن جي مئڪشيءَ ۾ اي "صديق"،
مئـــڪشـــيءَ جا روپ تو ۾ سڀ ڏٺم!

*

هـڳائـــون يار جون ڪافي
عـطائـــون يار جون ڪافي

دعــــــائن جو نمونو هن
وفائـــــون يار جون ڪافي

مٺان منهنجي رهن جيڪر
هي ڇائون يار جون ڪافي

سخا چاهت سندي مون لئہ
سخائـــون يار جون ڪافي

"نماڻي" لاءِ آهـــــــن بس
ادائـــــون يار جون ڪافي

*

سدا مون تہ ڳايا ترانا اوهان جا،
مليا درد مون کي زمانا اوهان جا!

هنيا تير دل ۾ اسان کي سڏا تو،
گسائي نہ سگهيس نشانا اوهان جا!

ملي کو نہ سگهبو اوهان ئي چيو پئي،
هيا روز مون سان بهانا اوهان جا!

رڳو چاھہ گهريو ڏئي کو نہ سگهيو،
مليا نفرتن جا خزانا اوهان جا!

مگر کن پيا ٿا "نماڻي" جيان هت،
رڳو چاھہ توسان دِوانا اوهان جا!

*

روح کــي قيــدي بڻـــايون هو هِتان ويندو رهيو
جڳ سچو مون تان کلايــون هو هِتان ويندو رهيو

سمنڊ جي پاڻي جيان جيون سچو کارو ڪري
مــن انــدر ماتم مچايــون هو هِتان ويندو رهيو

عاشقي کي راند سمجهي ٻـــار ٿي رسندو رهيو
چاهتون منهنجون ڀــلايون هــو هِتان ويندو رهيو

غير سان گڏجي کيائين منهنــجو سينو ڀي ڀڳيا
درد ڀيهر سڀ چــکايون هـــو هِتان ويندو رهيو

هن "نماڻي" جي سين منتن کي ٺکرائي ڇڏيو
ڪات جذبن تي وهائــيون هــو هِتان ويندو رهيو
*

تيون لڳن منٺار خوشيون،
توسوا بيڪار خوشيون!

مون ڪيا هت ويس ڪارا،
تو ڪيون هت ڏار خوشيون!

پيو ڪري ڏوڪو سڄو جڳ،
ڪونہ هن ڪي چار خوشيون!

ڪو مسيحا من اچي هت،
ڏئي پيو هر بار خوشيون!

لڙڪ پيتا مون گهڻا هن،
آءُ مونکي پيار خوشيون!

دل "نماڻي" جي تي تڙپي،
آڻي ڏي ڪجهہ يار خوشيون!

*

ڪاتي توکي وساريو آ،
توکي هرپل تہ ساريو آ!

يار وڇڙي وئين جڏهن کان،
ڪو نہ خود کي سنواريوآ!

ڳوٺ ۾ توسوا پرين مان،
ڪونہ خوش ٿي گذاريو آ!

جلد ايندس چئي وئين تون،
واعدو تو نہ پاڙيو آ!

تنهنجا ڦوٽو چمي چمي مان،
ڳوڙهن کي بہ ڳاڙيو آ!

ديس پنهنجي سگهو سڄڻ ور،
ديپ تو بن نہ ٻاريو آ!

اڄ بہ تنهنجو "نماڻو" ساڳيو،
جنهن کي تو ڇو وساريو آ؟

*

زندگي تنهنجي انائن ۾ وئي،
زندگي منهنجي سزائن ۾ وئي!

تو ڪيون هن بد دعائون پئي مون کي،
هرگهڙي منهنجي دعائن ۾ وئي!

تو ڪئي منهنجي مٿان هرهر جفا،
عمر منهنجي التجائن ۾ وئي!

پيار ڏيندو ويو "نماڻو" آ تو کي،
هر گهڙي تنهنجي دغائن ۾ وئي!

*

جذبا تولئہ ساڳا منهنجا،
نيڻ نماڻا آتا منهنجا!

رڻ ۾ رولي مون کي وئين تون،
ڏوهہ هئا ڏس ڪهڙا منهنجا!

قسمت آهي اهڙي منهنجي،
سات چڏي ويا پاچا منهنجا!

روح رڙي ٿو تولئہ منهنجو،
زهر ويا ٿي کاڌا منهنجا!

توبن جيون ڪهڙو منهنجو،
توکان وڌ تہ نہ پنهنجا منهنجا!

ساهہ سڪي ٿو هيانءُ ڏکي ٿو،
توسان اڻ ٽٽ ناتا منهنجا!

پيار "نماڻي" جو پرکي وٺ،
توبن مائٽ چاچا منهنجا!

*

لوڻ وانگر ڳري زندگي
درد جي آ ڀري زندگي

ڌر تتي جو اڃان سڌ ڪرين
توسان منهنجي جڙي زندگي

پيو نہ توکان گهران ٿو خدا!
تون وري ڏي گهڙي زندگي

مون گهڻا ڏک ڏٺا لوڪ جا،
ڏي خوشي جي وري زندگي

چاڪيان ڪالهہ مون آ ڏٺي،
ڦاهيء تي آ چڙهي زندگي

منهن لٽل ٿو ڏسان لوڪ جا
باهہ وانگي ٻري زندگي

سچ "نماڻا" پيو لهندو وڃي
شام ڏي آ لڙي زندگي

*

درد سان تون دوستي ڪر پو مزو،
ٻاٽ ۾ ڪا روشني ڪر پو مزو!

جو ڏڪائي ٿو چڙي هٿ دل تنهنجي،
تنهنجي بهتر زندگي ڪر پو مزو!

ڪين رک دل ۾ ٻيائي تون ڪڏهن،
آدمي سان دل لڳي ڪر پو مزو!

هٿ چڙي سارو زمين تي هل پيو،
۽ وري سادگي ڪر پو مزو!

زندگي بهتر "نماڻا" جي ڪرين،
قوم جي ڪا رهبري ڪر پو مزو!
*

ديس منهنجي جــون هوائون او پرين،
پيون چمن تنهنجون نگاهون او پرين!

ناز سان مـــرڪي ملڻ تنهنجو وري،
تنهنجون موهن پيون ادائون او پرين!

تو هنئي سُرخي چپن تي پئي جڏهن،
دل گهريــون تولئہ صدائون او پرين!

پيـــار مـــان آرس پــچي تو جو ڏنو،
چڙ مليون دل کي شـفائون او پرين!

شـــل نہ تـــو کـــي درد دنيا جو ملي،
پيو گهران تولئہ دعائـــــون او پرين!

هـــن تــڏهن توکي"نــماڻي" آ چيو،
عـــاشقي جون ڏي سزائون او پرين!

*

ڄامشوري جون هوائون ياد ڪر،
دلربا منهنجون وفائون ياد ڪر!

توکي مونکي ڪيئن ڪنديون بيخود هيون،
سهڻيون سهڻيون سي گهٽائون ياد ڪر!

پيار پنهنجي کي خدا قائم رکي،
گڏ گهريون جيڪي دعائون ياد ڪر!

ذرتي جي وقت جيڪي تو ڪيون،
پنهنجي وارن جون سي ڇائون ياد ڪر!

هل"نماڻا" ڳوٺ پپري تا ڇڏيون،
جي ڪيون ويٺي صلاحون ياد ڪر!

*

سنڌ سلامت ساري رهندي،
تو تي ٽنگيل ڳاري رهندي!

توسان دشمن وڙهندو رهندس،
قوم به تنهنجي ماري رهندي!

ٿُو ٿُو تو تي ڪرٽي آهي،
لعنت توتي جاري رهندي!

ڌرتي ان کي ڇڏي پوندي،
جنهن جي توسان ياري رهندي!

غيرن کي لوڏي ڪيڏو آ
مخلوق نه ڪا ڌاري رهندي!

سچ جا ڪِرٽا جيسين رهندا،
سنڌ سڄي سوياري رهندي!

پل ڪو ميڙي ڏيهه "نماڻا"،
ماتا بس سو پياري رهندي!

*

نظم

ڊسمبر

وري چاڻ آيو ڊسمبر
وري يار سان ميلو ٿيندو
ڏکن جو ختم ويلو ٿيندو
وري چاڻ آيو ڊسمبر
پرين جي جواني ٻه ٽڙندي
خوشي جي ڪا موسم ٻه
ورندي
جواني جواني سان ملندي
۽ جيون نويلو ٻه ٿيندو
وري چاڻ آيو ڊسمبر
ڪڏهن ڏار مون کان نه ٿيندو
پرين ڏور مون کان نه ويندو
رڳو پيار بس يار ڏيندو
"نماڻو" اڪيلو نه ٿيندو
وري چاڻ آيو ڊسمبر
وري يار سان ميلو ٿيندو
*

عيد

عيد ڇا ڪي ٿا چئو
عيد ٿيندي آ خوشي
عيد ڪنهن ناهي ڪئي
روز ماڻهو ٿا قتل
ڏس ڪراچيءَ ۾ ٿين
۽ بمن جي ڏپ رڳي
روڊ رتو رت سڄا
خوف ۾ ماڻهو جين
ساهه بيوس ٿي ڪٽن
سوڳ م سارو شهر
ڏس ڪراچي آ بڻيل!
تون چوين ٿو عيد جي
وٺ مبارڪ او پرين
ڪيئن چوان تو کي ڀلا
مان مبارڪ خير جي
ديس ۾ ماتم متل
ٿي خوشيون اغوا ويون
قيد دردن آ ڪيو
زندگي مفلوج ٿي

*

خاڪ ۾ سپنا مليا
ڪيئن چوان تو کي يلا
مان مبارڪ خير جي
پيڻ ڪان پائر جدا
حادثا آهن وڏا
ڪيس ڪيڏا هن ٿيا
ٿي ڪراچي ڪربلا!
تون چوين ٿو عيد جي
وٺ مبارڪ او پرين!
ڪيئن چوان تو کي يلا
مان مبارڪ خير جي
مان مبارڪ خير جي

*

تي ويو قانون اغوا
ڳولهيون انصاف ڪاٿي؟
هن ٿهيل بارود مان هي ،
وحشي ماڻهو پنهنجا ناتا
ڪونہ تا جيڪي سڃاڻن
ماڻهپو جن وٽ نہ آهي
ڏوڪڙن جي ڪن تا پوڄا
بي رحم ڏاڍا هي رهزن
روز هت بي ڏوهہ ماڻهو
پيا ڪهن تا وحشي. ماڻهو
جيڪي ڪرسي جي نشي ۾
ڪيس ڪن تا ....
تن جي ذهنن ۾ رڳو
جرڳو سمايل
حق ۽ انصاف ڪان واقف نہ آهن
حق ۽ انصاف ڪان واقف نہ آهن

*

شهادت

ڌرتي جي آزادي خاطر
تو جا شهادت ماڻي آهي
امر سدا تاريخ ۾ رهندي
جنم وٺي نئون ٻيهر ورندي
ساهہ ڏئي ويساهہ ڏنو تو
جو ڌن کي اتساهہ ڏنو تو
توکي سرخ سلام اسان جو
شهيد تنهنجي لال لهو کي
هر گز ڪونہ وساريو آهي
هر گز ڪونہ وساريو آهي

*

تنهنجي آسڪ لڳي

رات تنهنجي پرين
ياد من ۾ هري
تون وئين ڇو پري
ڇو رسي ....
اڄ سيارو وري
گهاريون گڏ مٺا
موڪلائي وڃي
پيو ڊسمبر مون کان
ڪا گهڙي تون پرين
سات ڏي سڪ سنڌو
چاهہ ڏي تون جهجهو
ساهہ ساڙو نہ ڪر
مون سان ماڙو نہ ڪر
تنهنجي آ سڪ لڳي
تنهنجي آ سڪ لڳي

*

رات ڪاري اندر
ڏوهہ ڪيڏا ٿيا
ڪي تہ ڪاريون ٿيون
ڪي تہ ڪارا ٿيا
ڪانہ ماڻي سگهي
سيج آهي ونيءَ
ڪنهن تہ ظالم رڳي
لال رت ساڻ آ
هيءَ ڌرتي سڄي
وچ قلندر ڏسي
قوم پنهنجي اجا
ڪونہ جاڳي الا
سنڌ تنهنجيءَ مٿان
سنڌ منهنجيءَ مٿان
ڪيس ڪيڏا ٿيا
ڳاٽ ڪهڙو ڪٽون
موڙ ڳاڙها ٻڌل
گهوٽ آهي ڪٽل

*

مــــــاءُ روئي پـئي
۽ تمـــــاشـائي هن
ڳـــوٺ وارا ٿـــــيا
شـــهر وارا ٿيـــــــا
ڪي تہ ڪاريون ٿيون
ڪـــي تہ ڪـارا ٿيا
ٿي سجـــــاڳي پـئي
قوم جاڳــــــي پـئي
ٻـــڌ قـــلندر صدا
ڪـــــر جهالت ختم
ڪـــــر جهالت ختم

*

ترس ڪجهہ پل

ترس ڪجهہ پل ڊسمبر اڙي
يار منهنجو اجهو ٿو اچي
پيار جنهن سان ڪيان ٿو جهجهو
چو وچين ٿو پلا تون پري
مان مچان ٿو نہ ٿو وس هلي
پاڻ تي توکي چريا ڪڍهن
ترس پو پي ڊسمبر اڙي
عرض رب کي ڪيان ٿو روئي
سات ڏيندو پنهنجو ها سوئي
منت توکي ڪري ٿو چڏيان
ترس پل ڪن ڊسمبر اڙي
فون تي آ ٻڌايو پرين
ريل تي چاڙ آيو پرين
ريل راڌڻ اجهو ٿي اچي
ترس پل ڪن ڊسمبر اڙي
يار منهنجو اجهو ٿو اچي
ترس پل ڪن ڊسمبر اڙي

*

هڪ ٻڍي آ پڇو

هڪ ٻڍي آ پڇو
ساڳ آهي لٿو
يا نہ آهي لٿو
مون بہ ڪجھہ مس ڪچو
هن ٻڍي آ چيو
ڪيئن ميهڙ بچي
ڪيئن سيوهڻ بچو
ڪيئن دادو بچو
ڪيئن جوهي بچي
۽ چيو مانس ها
شهر آهن بچي
جن ٻڏا او ٻڍا
ماڻهو تن جا اتيا
لڏ پلاڻي ڪري
قرض ڪافي ڪڻي
ويا اباڻا ڇڏي
گهر ڪڪاوان ٻڍا
*

ڪـــي ڪـــراچي ويـــا
ڪي ڪتي ڪي ڪتي
ڪـــن ڪـــپايـــا ڏيـــا
ڪـــي تـہ پـــيادل ڀڳا
ڪجهہ تہ تـــرسي پيا
بيهـــي بنـــد تن ٻـڌا
پـــو بـہ آهـــن ٻـيا
شـــهر ســـارا ٻـــڏا
خـــيرپور وئـــي ٻـُڏي
ڳوٺ يـــي ســـپ ٻُڏا
ڪـــو نہ ساوڪ ڪـــتي
وڻ ڪـــري ســـپ پيـــا
ڏس رڳـــو ڏنڍ ئي ڏنـــڍ
پـــيا ڍهي سپ جهـڳا
تـــون اجـــا ٿـــو چوين
ســـاڳ آهـــي لـــٿو
مـــــان چوان ٿو پيـــو
ســـاڳ نـــاهي لٿـــو
ســـاڳ نـــاهي لٿـــو

*

ڪر وچن

تون ڪندي هٿ امن
ڪر وچن ڪر وچن
ديس حاصل ڪندي
سنڌ پنهنجو وطن
مير دل ۾ رکي
سونہ ڏيندي چڏي
پوندو تنهن کي هٽندي
پوءِ پائيندي ڪفن
ڪر وچن ڪر وچن
ماءُ تنهنجو قسم
منهنجو تو لاءِ جنم
تون ۾ ٿيندس دفن
مان ڪيان ٿو وچن
مان ڪيان ٿو وچن
مان ڪندس هٿ امن
ديس حاصل ڪندس
سنڌ پنهنجو وطن
مان ڪيان ٿو وچن
مان ڪيان ٿو وچن

*

مون جدا ناهي ڪيو
هن جدا آهي ڪيو
پيار هن کي مون ڏنو
ساٿ منهنجو هن ڇنو
مڻ ڳيا آهي ٿيو
هن جدا آهي ڪيو
ويس ڪاري ۾ اچي
منهنجي پاڙي ۾ اچي
فون مون ڏي ٿي ڪري
تو ڪان آهيان مان پري
ڪو نہ منهنجي ٿي سَري
ڪوڙ ڪيڏا ٿي هٽي
واعدو پورو نہ هڪ.
هن صفا آهي ڪيو
'مون جدا ناهي ڪيو
هن جدا آهي ڪيو
هن جدا آهي ڪيو

*

بـــي ڏوهہ وئـــي مـــاري آهي،
ظـــالـــم پـــيڻ ويـــچـــاري آهي!
ڪـــاري نـــاهـــي ڪـــاري ناهي.
ڪپڙا جـنهن کي ڌوئي ڏي پـــئي،
ڏک هـــن جي تي روئي ڏي پـئـــي!
پـــاڻي وانـــگي اجـــري آهـــي،
ڪـاري ناهي ڪـــاري نـــاهـي.
پاڪر جنهن کي سک مـــان پايو،
ياءُ پـــئي هـــنج ۾ کيـــــڏايو،
پـــاڙي کـــي پـئـــي روز ٻڌائي!
يـــاءُ وڏو تـــي ڏکـــڙا لاهـــي،
روئـــندي روئـنـــدي حال وڃـائي!
آســـن ۾ پـــئي جيـــئندي آهي،
يـــاءُ تـــيو آ وڏڙو هـــــاڻي!
پـــاڙي کـــي تـــي هـــوء ٻڌائي،
ڪـــاري نـــاهي ڪاري ناهـــي.
منـــزل وئـــبي هـــاڻي ماڻـــي ،
ڏک ويندا سـب رب تـو جـاڻي!
يـــاءُ خـــوشـيـــون ڏينلو آڻـي،
يـــاءُ ڇريءِ ســـان مـاري آهـي!
پنهنجي پيڻ ويـــچاري آهـــي،
ڪـــاري نـــاهي ڪـاري ناهـــي.

*

نيڻ نيڻن سان ملائي
هڪ ٻئي جي روبرو
دل جون ڪريون ڳالهيون
درد ڪجهہ توکي ٻڌايان
درد ڪجهہ پنهنجا ٻڌاءِ تون
ويهہ مون سان ....
او جاني جانا..................
اڄ حال دل جو اوريون
ڪي چاهہ جا چنگ چوريون
خود کي خود ڏي سوريون
نفرتن کي پوريون
چاهتن جا گيت ڪي
ڳائيون. . . . .
سونهنء کي سنگبت کي
اپنايون. . . . .
تڙپايون. . . . .
چو چاهہ؟. . . . .
چاهہ سان گڏ ساهہ کي
آ هلي منهنجي مِٺي
ويهہ مون سان ڪجهہ گهڙي
ويهہ مون سان ڪجهہ گهڙي

*

تـــون تہ نـــفرت سان ڌڪارين ٿو
خــــدا جــــي مخـــــلوق
آئـــون پـــــاڀـــــوهہ
۽ چـــاهت جـــي خـــوشبو ســان
دل ۾ آباد ڪري خلق وسائي آهي
چـــــاهہ دولـــــت سان ڪري
ڌرڪـــي ڌڪـــاريـــــن ٿو تون
گيـــت ڳـــائين ٿـــو ســـدا
ديـــش دروهـــين جـــــا
آءٌ ڌر جـــي ڌوتـــن جي خلاف
هڪ لڳاتار ويڙهہ ۾ آهيان مصروف
تـــاهہ تو سان نہ ڪڏهن ٿيڻو آهي
تـــاهہ تو سان نہ ڪڏهن ٿيڻو آهي

*

نظر تنهنجي لال گهرجي!

ديس دهشتگردن وري هٽ
ماريا بي ڏوهہ ماڻهون
ٿو ڪراچي ۾ وهي رت
مظلومن جو............
لاش روڊن تي رلن ٿا
درد ۾ مارو رئن ٿا
نظر تنهنجي لال گهرجي
ديس ٿو خوشحال گهرجي
ويا اڏامي پکي امن جا
ڏي ڪرائي ڪو امن تون
سنڌ ساڃي ڏي موٽائي
سنڌ تان مشڪل ختم ڪر
چاهتن جي روشني ڪر
ڪر غريبن جي يتيمن،
جي اچي واهر قلندر
تون عليءِ جي آل آهين
تون وڏو لڄپال آهين
تون نبيءِ کي پيي پيارو
تون غريبن جو سهارو
مصطفيٰ صہ وٽ ٿي سوالي
تون اسان جي لئہ قلندر
ڏي ڪرائي ڪو امن تون
ٿئي ڪراچي سنڌ ۾ امن.
ٿئي ڪراچي سنڌ ۾ امن.
*

وايون

درد ٻيـــڻا ڏئـــي
پور جذبا ڪيــئي

دل جا ٽوٽا ڪـــري،
۽ وڇـــوڙا ڏئـــي
پور جــذبا ڪيئي

آهہ نڪــتي پـــرين،
هـــاءِ گهــوڙا ڏئـي
پـــور جذبا ڪيئي

درد جـــي ڏي دوا
چـــو مـــــروڙا ڏئـي
پـــور جـذبا ڪيئي

چـــا "نـماڻو" ڪري
رت جـــا ڳـــوڙها ڏئي
پـــور جـذبا ڪيئي
*

اڄ وسـي بـارش پـئي
شـام مـنهنجي ڳوٺ ۾

قـرب آئين تون ڪري
اڄ ڪراچي کان ڪهي
شام منهنجي ڳوٺ ۾

وچ نـہ هـاڻي تون ڇڏي
پئہ پـرين منهنجا رهي
شام منهـنجي ڳوٺ ۾

پيار مان مرڪي ڏنئي
غـم سمـورا ويـا لهي
شام منهنجي ڳـوٺ ۾

نفـرتـون سيـئي ٽڏي
چـاهتون وئين تون ڏئي
شـام منهنجي ڳوٺ ۾

*

باک آهي ڦٽي
دل بہ آهي ڏکي
ڪو نہ آئين اچان

تو بنا سانورا
زهر آهي خوشي
ڪو نہ آئين اچان

ياد تنهنجي وري
من ۾ آهي ڪُتي
ڪو نہ آئين اچان

توسوا او پرين
آهي محفل ٻُسي
ڪو نہ آئين اچان

تون ويو آن پري
دل تہ ڏهن آ لُچي
ڪو نہ آئين اچان

*

روح تـــڙپي پـــيو
تـون ڪـتي آن پرين

مينهن بـرسي پـــيو
در بہ ڪـــڙڪي پـيو
تـون ڪـتي آن پرين

رات ڪـاري صـــفا
هـــانءُ ڦڙڪي پـيو
تون ڪـتي آن پرين

يـــاد تنهـــنجي اچـــي
جـــيءُ ٻـــڙڪي پـــيو
تـــون ڪـتي آن پرين
*

هو تہ وسري نٿو
چاڪيان چاڪيان؟

جڻ اڄي پيو گهٽو
ساهہ نڪري نٿو
چاڪيان چاڪيان؟

لوڪ تانا هڻي
وقت گذري نٿو
چاڪيان چاڪيان؟

وچ "نماڻا" ڏسي
حال سڌري نٿو
چاڪيان چاڪيان؟

*

بيت

چـــنڊ تنهــنجي ســونهن جي ڪٽي پيو چغلي
تنهنجي نڪ جي ڦُلي، جرڪايو ماحول کي
*

چــنڊ ڏســـي توکـــي لـــــــڪو آ جهڙ ۾ اندر
تنهنجي سونهن تڪي حيرت ساڻ چڪور پيو
*

چنڊ تنهنجي سونهن تي کائي پيـو ڦـيريون
ستـــارن چيـــريون، وڃـــايون تـــوکي ڏسي
*

چنـــڊ اســـان جي پيار جون ڪٽي پيو ساکون
چاهہ جـــون بـــاکون، سانديل منهنجي ساهہ ۾
*

چنــڊ ڏســـي توکي پئي جاڳي منهجي ڏات
لکيــم ســـاري رات، سونهن پرين ۽ سنڌ تي
*

قــوم جــي پـئسن تي پـــيو رنڊيون نچائين
چـــوٿـــو لــٽائين، قـــومي دولت سنڌ جي
*

ٿـــوڳـــي نـــاهي مـــون ڏٺـــو توجهڙو ٻيو
تـــو پاڻي وڪيو، پـــنهنجي سنڌو درياء جو
*

ڪـٽڻ ڪـــهاڙيـــون حق نہ ٿو تنهنجو ٿهي
فلــمون اگهـــاڙيـــون، پاڻ هلائين گهر اندر
*

جــي آهيـــن دليـــر غدارن سان ويڙهہ ڪر
سچارن کي ڪير، روڪي نہ سگهندو راهہ تان
*

عليء جـــو نعرو ٻـــڌي منهن لهئي ٿو ڇو
تـــو نہ اڃـــان ڇـــاتو، اسان جي امام کي
*

سوچ ڪجهه سڌر سنڌ جا او رهواسي هاڻ
مات آهين چاڪاڻ، ڌاڙا سنڌوء تي ڌسي
*

پري رهه نه پري الا ڏيان ته دل ۾ ڏار
ويچا سپ وسار، پرچي پئہ هڪ پل ۾
*

ڏاريا ڏرتيء منهنجي متان آهين وڏو تون بار
سِسي ڪان ڏڙ ڏار، ڪبو تنهنجو ڪهاڙيء سان
*

پنجڪڙا

چئوستا

اجـــرڪ ٽـــوپي مـــان اســـان جـــو
حـــق بہ ســـارا ڇـــني وٺـــــبا
رســـتا پنهنـــــجا مــــــور نہ مٽبا
آهــــي هـــــي اعـــلان اســـان جـــو
اجـــرڪ ٽـــوپي مـــان اســـــان جو

*

دلــــبر تنهنـــجي دوري مــــــاريندي
ســــورن ۾ آ گـــــذري حيــــــاتــــي
تــــوبن هيـــــڪل آهـــيان ســــاٿي
تــــوڪـي دل اصـــلي نہ وســاريندي
دلبــــــر تــــنهـــجي دوري مـــاريندي

*

پرين دل کي قرار ڪونهي ڪو
سوا تنهنجي بهار ڪونهي ڪو
چيو منهنجو مڃي نٿي دلڙي
سچي تو بن ڪو يار ڪونهي ڪو
*

منهنجي دل جو علاج چاهت آ
منهنجو فطري مزاج چاهت آ
نفرتن جي رسم کان باغي هان
منهنجو سهڻو رواج چاهت آ
*

ڏي حياء جي نگاهہ مولا
بخش منهنجا گناهہ مولا
هن لٽيرن ۽ وڏيرن کان سدا
سنڌ کي ڏي پناهہ مولا
*

هوبهو پئي چاندي تنهنجون اکيون
پيو ڏسان مان ڪامڻي تنهنجون اکيون
ننڊ ۾ يا جاڳ ۾ اڳيان اچن
پيون نچائن سانوري تنهنجو اکيون
*

حوصلا جيون جياري ٿا ڇڏن
جيءَ ۾ جذبا اٿاري ٿا ڇڏن
رهہ جتي پيي فون مون ڏي ڪر پيو
تنهنجا گفتا هيانءَ ٺاري ٿا ڇڏن

*

منهنجي جذبن کي ڳيا ڇوٽو ڪرين
پاڻ کان مون کي جدا ڇو ٿو ڪري
جي مران ٿو ڏي مرڻ مون کي ڀلي
منهنجي زخمن جي دوا ڇوٽو ڪري

*

پيار سان گفتگو ڪري ڏسجي
عشق لئہ جستجو ڪري ڏسجي
هڻ کهاڙي ڀلي زمانا تون
عاشقي روبرو ڪري ڏسجي

*

شـــاهد سپ ئي ستـــارا آهن
تنهـــنجا نـــيڻ پـــيارا آهن
دل ۾ تنهـــنجو نـــالو آهـــي
تـــوكـــان كين كنارا آهن

*

مـــوٽي جـــاڻ سـيارو اينلو
درشـــن دلـــبر تنهـــنجو ٿينلو
رات وڏي ٿـــــــڌكـــارن ۾
ساڻ " نـــماڻو" توسان گهمندو

*

پـــيار دل ۾ چـــڏ سمـــائي
نفـــرتـــن كي چـــڏ پـُـــلائي
چـــاهتـــن ۾ بـــس مـــزو آ
دشـــمني كـــي چـــڏ مٽـــائي

*

منهنجي دل جا چاڪ نہ ڪرتون
خوشيون منهنجون خاڪ نہ ڪرتون
پيار ڏئي جي ڪونہ سگهين ٿو
چاهت جا پو واڪ نہ ڪر تون
*

پيار ڏين تقدير منهنجي پئي ٿي
خواب منهجي جي تعبير پئي ٿي
تون ڏسين جي باک منظر پئي ڦٽي
نئين وري تحرير منهنجي پئي ٿي
*

زندگيءَ جي هٿ غمن ۾ آهيان مان
۽ عذابن جي لحمن ۾ آهيان مان
تون چوين ٿو واندو يلي ڇڏ مونکي
هٿ غريبن جي ڪمن ۾ آهيان مان
*

ڏيڍوڻا

تون هير مٺي منهنجي
سڀ درد اڏي ويئڙا، تصوير ڏسي تنهنجي.
*

اڄ ڪونہ وري آئي،
وئي رات سڄي گذري، پر هوءَ نہ ڇري آئي
*

سورن جي گهڙي آهي
ڇالاءِ رسين ٿي تون، توبن نہ سري آهي
*

هٿ ڪانگ لنوي ٿو پيو
سگهو يار وري ايندين، چڙهہ ٻول چوي ٿو پيو
*

ويساهہ ڪيان ڪنهن تي
هٿ درد ڏنا پنهنجن، مان دانهن ڏيان ڪنهن کي
*

آ چاهہ ڏئي وچ تون
هڪ رات اچي مون وٽ، دلدار رهي وچ تون
*

هت ديپ جلايان ٿو
اڄ يار آهي اچڻو، مان ويس مٽايان ٿو
*

آڪاش رنو سارو
پيا لڙڪ ڪري آهن، بستر بہ پنو سارو
*

مان ڍول مٺي تنهنجو
مان روز ڏسان پيو ، هي چهرو اچي تنهنجو
*

تون ڏور نہ ويندي ڪر
هڪ پل بہ مٺي مون کي، تون سور نہ ڏيندي ڪر
*

هت باهہ لڳي رت کي
همدرد نہ اڄ ڪوئي، احساس وري رت کي
*

هي نيڻ نہ ڪر آلا
هڪ ڏينهن پرين ايندو، سڀ ويندا ڇڻي ڇالا
*

اڄ يار ڪلين ٿو تون
مجبور ڏسي مون کي، پو پيار پلين ٿو تون
*

ڇو قوم ستي پئي آ
پئي درد سهي ايذا، ڪا باهہ ڏکي پئي آ
*

ڇو داڳ هٽين ٿي تون
پيو پيار ڪيان توسان، ۽ خوب وٽين ٿي تون
*

برسات وسي ٿي پئي
ڏس باهہ اندر منهنجي، هت يار مچي ٿي پئي
*

تي جاڳ وري هاڻي،
ڏي چاهہ "نماڻي" کي، ڀرپور چري هاڻي

اڄ رات "نماڻي" آ
ڇا يار ٻڌايان مان، بس درد کهاڻي آ

ويا ڳوٺ ٻڏي منهنجا
هن ٻوڏ تباهي ۾، ڇا حال ڀلا هوندا

تي حال ويا هيڏا
ڏئي ٻوڏ وئي آهي، هت درد رهيو ٻيڻا
*

ڪا لپ نہ اٽو آهي
پاتل تہ مٿان انگ جي، ڦاٽل بہ لٽو آهي

اڄ سور سوايو آ
پئي ياد پرينءَ جي آ، مون درد ڪمايو آ

ڪر ڏار نہ سائين تون
ڏي پيار پرين مون کي، رهہ ساڻ سدائين تون

ڇو يار پري آهين
ڏس ڏار پلا مون کان ۽ ڇا جي تہ ڪري آهين

هٿ پوڏ وڏي آئي
ماڻهو نہ اجا نہ سڌريا ۽ تون موٽ پلا راهي
*

چــو يــار ڦــٽائين ٿــو
رکي نيهن پرين مون سان، ڇو راهہ مٽائين ٿو

کــر ڏار پــلي مون کي
ڇا يار ڪيو آهي، ڏس اڳ ۾ اڇي مون کي

ڏئــي ســور ويو آهين
اڄ پو بہ پرين مون کي، سچ ياد پيو آهين

فرياد ڪيان ٿو پيو
آئين نہ پرين توکي، هت ياد ڪيان ٿو پيو

وئي ٻوڏ تہ ٻوڙي آ
جذبا بہ اسان جا سڀ، وئي ٻوڏ نهوڙي آ
*

ڪنهن وٽ نہ خوشي آهي
انسان ڏسان ٿو مان ، لاچار ڏکي آهي

هي جان مِٽي منهنجي
گهر گهور ڪيان توتان ، هربار خوشي پنهنجي

اڄ ساهہ سڪي ٿو پيو
تولاءِ نماڻو هت، ڏس روز لڇي ٿو پيو

ڏس گهر هي ڪچا منهنجا
برسات ختم ڪرتون، ٻڌ جلد خدا منهنجا

برسات وڏي آهي
ڪر ٻاجهہ اسان تي تون، ڏس جاءِ جهَڏي آهي
*



سونهن جي بارگاهہ (شاعري)
نماڻو صديق مهيسر
جنسار پبليڪيشن-ميهڙ
Sahil Printers Hyd: 0333-2634650
ٿنهنجي سهڻي سار
نماڻو صديق مهيسر تمام ٿورڙي وقت ۾ نوجواني جي عمر ۾ پاڻ کي ڪنهن
حد تائين سنڌي ادب جي کيتر ۾ شاعريءَ جي ڦلواڙيءَ ۾ پنهنجي ذات جا گل پوکي
پنهنجي فطري وراثت جي خوشبوءَ پکيڙي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي آهي. جنهن
جو مک سبب خوبصورت شاعراڻي ۽ سادي سئولي ٻوليءَ سان اظهارڻ آهي.
نماڻي صديق مهيسر جو پهريون شعري مجموعو ”تنهنجي سهڻي سار“ کان پوءِ
ٻيو ڪتاب ”سونهنءَ جي بارگاهہ“ پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ عشق، سماج،
نعت، منقبت، مزاحمت ۽ فطرت سان لاڳاپيل ڪلاسيڪل موضوعن جو گڏيل رنگ
نظر اچي ٿو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ نماڻي صديق مهيسر جو هي پيار جو
پورهيو ”سونهنءَ جي بارگاهہ“ پڙهندڙن وٽان مانائتي موٽ ماڻيندو.
گوهر گل ڳورڙ
Rs: 200/=